# شاهه سچل سامي

اي-جي-اتم

# شاهه، سچل، سامي

قيمت ۷ روپيه

رابيل پبليڪيشن
لاڙڪاڻو سنڌ

رابيل پبليڪيشن جو ڪتاب 18

---

مرتب :- اي-جي اتم
سال :- ١٩٨٤ع
تعداد :- هڪ هزار
ڇپيندڙ :- نيرنگ پريس ريشم گلي حيدرآباد سنڌ
ڇپائيندڙ :- رابيل پبليڪيشن لاڙڪاڻو

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ
رابيل ڪتاب گهر
اڳيان مهراڻ هوٽل لاڙڪاڻو

سول ايجنٽس:

- مڪتبہ اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ ڪراچي فون: 230200
  برانچ:- اردو بازار ڪراچي
- جبران لميٽيڊ ٩٣-لبرٽي مارڪيٽ حيدرآباد فون: 32377

# ترتيب


| | |
|---|---|
| ١- شاهه سچل سامي | اي جي اتم |
| ٢- شاهه ۽ سنڌي | ڪليانڻ آڏواڻي |
| ٣- سچل سنڌي | جهمٽمل ڀاوناڻي |
| ٤- شاهه جي عظمت | ايچ ڊي سورلي |
| ٥- سامي جا سلوڪ | قريشي حامد علي |
| ٦- شاهه تي تنقيد | موهن گيهاڻي |
| ٧- سامي جو ڪلام | مولانا غلام محمد گرامي |
| ٨- حق پرست سچل | تيرٿ بسنت |
| ٩- شاهه جو ڪلام | حسام الدين شاه راشدي |
| ١٠- شاه جي ٻولي ڀاشا وگيان | ليلو رچنداڻي |

شاهه سچل سامي ؒ تي هي ننڍڙو ڪتاب، جيڪو جناب اي جي اتم جي محنت ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي. پيش ڪندي فخر محسوس ٿا ڪريون ڇو ته شاهه سچل سامي اسان رهبر ۽ دنيا جا عظيم شاعر ۽ اسان جو سرمايو آهن— شاهه سچل سامي تي اڳ به ڪافي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن— پر ڪي ڪتاب تمام وڏي قيمت جا آهن ته ڪي وري اڻلڀ ٿي ويا آهن— شاهه سچل سامي جو پيغام اسان لاءِ هڪ راهه آهي. اسين اتم جا بي حد ٿورائتا آهيون.

رابيل پبليڪيشن پاران وقت سر سٺا سٺا سنڌي ڪتاب ڇپرايا وڃن ٿا. ان سلسلي ۾ اوهان ساٿين جو وڏ ۾ وڏ سهڪار شامل آهي. ۽ اڳتي به رهندو. اسان جي هميشهٰ اها ڪوشش آهي ته وڏ ۾ وڏ معياري سنڌي ڪتاب پيش ڪجن پر محدود وسيلن سبب اسان پنهنجي پروگرام کان هٽيو ٿا وڃون— بهرحال دعا ڪندا رهو اسين ڪوشش جاري رکنداسين.

مان ساٿي منصور قادر جوڻيجو جو ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب مڪمل ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.

**نظام عباسي**

 اي. جي. آڏم

# شاهه، سچل ۽ سامي

هر ڪنهن قوم کي پنهنجي پنهنجي روايت (پرمپرا) ٿئي ٿي. ان جي نندي ٿيءَ کي پنهنجن بزرگن کان ڪن چيزن جو ورثو ملي ٿو، جنهنجي حفاظت ڪرڻ انهن جو هڪ مکيه ۽ اول فرض آهي. نه رڳو ان جي حفاظت ڪرڻ، پر ان کي نئين زماني جي روشنيءَ ۾ مدي خارج جزن کان آجو ڪري اُتي وڌي وڃڻ لاءِ نئين نٿيءَ کي ٻاڻ پتوڙڏو پوي ٿو. شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا، اسان سندين لاءِ هڪ اهڙو ئي ورثو آهي.

شاهه، سچل، سامي، اسان جي لوڪ پياري ڪلاسيڪل ڪوين جي تمورتي آهي. انهن جي ڪوتا ۾ اهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي ڪري اڄ سوين سالن کان پوءِ به هنن جو شعر (سڀ جو سڀ نه) دلڪش ۽ دلچسپ لڳي ٿو ۽ انهن ۾ ڪهڙيون چيزون آهن جن کي چندي ڇڏي اسان کي ڪٿي اڳتي وڌڻو آهي. اهنا اوکه پورڪه ڪرڻ لاءِ اسانکي نه رڳو سندن ڪوتا- ساگر ۾ ٽٻيون ڏيئي سپون هٿ ڪرڻيون آهن، پر اتهاس ۾ جهاتي پائي، انهن کي زماني جي سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ

ٿي ڪسي ڪٽ ڪرڻي پوندي ۽ ڏسڻو پوندو ته هنن زندگيءَ جي ڪهڙي ۽ ڪيتري ترجماني ڪئي آهي.

شاهه (١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع)، سچل (١٧٣٩ع کان ١٨٢٩ع) ۽ سامي ١٧٤٣ع کان ١٨٥٠ع) جو زمانو جاگيرداري نظام وارو هو، جڏهن ملڪ ۾ ننڍين راجائن، جاگيردارن ۽ نوابن جو راڄ هلندو هو ۽ سنڌ ۾ پهرين ڪلهوڙن جي (١٦٥٧ع کان) ۽ پوءِ ٽالپرن جي (١٧٧٢ع) حڪومت هئي. ان وقت هندستان ۾ ڪٿي مغلن جي، ڪٿي مرهٽن جي، ڪٿي سکن جي ته ڪٿي راجپوتن جي حڪومت هئي. چوگرد لڙايون راڳا رچيل رهيون هيون. سنڌ کي نادر شاهه، احمد شاهه ابداليءَ ۽ افغان بادشاهه تيمور شاهه جي ڪاهن جو جنسي قتلام سهڻو پيو. حاڪم شيل شڪار ۽ پنهنجيءَ ۾ ئي پورا هئا. عام ماڻهو ڏيان، ڏڪارن ۽ بيمارين ڪري ڏهڪايل هئا. مجال آهي جو ڪير ڪجهي سگهي!

جهڙيءَ طرح راڄنيتي ۽ آرٿڪ کيترن ۾، اهڙيءَ طرح سماجي کيتر ۾ بہ جنسي جٽ لڳي پيئي هئي. چوگرد اونچ نيچ، ذات پات، ڇوت ڇات، مذهب نسل، رسم رواج ۽ ڪٽنب قبيلي جو پيڊ پاؤ ڦهليل هو. سماج ۾ ڪٽنب جي وڏي اهميت هئي. جيئن هن دنيا جو هلائيندڙ خدا يا ايشور ۽ حڪومت جو هلائيندڙ ايشور جو ”مربي پٽ“ يعني راجا، نواب يا جاگيردار سمجهيو

ويندو هو، تيئن ڪتنب جو هلائيندڙ، ان جو وڏو هو، جنهن کي پنهنجن ياتين تي ايترو ئي اختيار هو، جيترو هڪ راجا کي سندس رعيت تي هو. گهر جا ياتي گويا سندس ملڪيت هئا. هن جي آگيا کان سواءِ هو ڪوبه ڪم ڪري نه سگهندا هئا. ايتري قدر جو ڪتنب جي ڏيءَ يا پٽ جي شادي وڏي جي مرضيءَ ۽ منظوريءَ کان سواءِ ٿي نه سگهندي هئي. ان ڪري سچاويڪ پيار جي آزادي نه هئي. مائٽن جي مرضيءَ کان سواءِ محبت ڪرڻ معنيٰ هئي هنن جي قهر کي دعوت ڏيڻ.

ان زماني ۾ ڌرم – مذهب جو ايترو زور هو، جو حاڪمن کي خود ان جي اوٽ وٺڻي ٿي پيئي. مولوين ۽ پنڊتن جو اثر نه رڳو حڪومت تي هو، پر زندگيءَ جي هر کيتر – تعليم، تهذيب، قاعدن قانونن، انصاف وغيره تي به هنن جو رعب ڇانيل هو. ان ڪري ان دؤر ۾ جيڪي به اعتراض يا تقاضائون ڪيون وينديون هيون، تن کي به مجبور ٿي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪرڻو پوندو هو.

دنيا جي اتهاس جو ابياس ڪندي معلوم ٿو ٿئي ته وچولي زماني (مڊل ايجز) ۾ نه رڳو هندستان ۾، پر ٻين ملڪن ۾ به حڪومت، مذهب يا جاگيردارن خلاف جيڪا وڏي ۾ وڏي هلچل هلي، سا هئي رهسيوادين (مسٽڪس) يعني صوفين ۽ سنت – ڪوين جي هلچل.

فرق ڪونهي، ڪوبہ اؤچ نيچ، غريب شاهوڪار، راجا رنڪ، ڪافر مومن، اڇوت برهمڻ ڪونهي، سڀ هڪجهڙا نسان آهن.

هنن ڪوين پنهنجي ڪوتا ۾ بولي – پنڊتن ۽ مولوين جي ڏکي بوليءَ بدران عام جنتا جي سليس ۽ سنگيت مئہ بولي ڪم آندي آهي. هنن ڪوين جي يگ ۾ ڏيهي ڀارت جي جدا جدا پرانتن جون بوليون لوڪ - پياريون بڻيون.

هندستان ۾ انهن صوفين ۽ سنت ڪوين جي هلچل ١٥ صديءَ جي شروعات ۾ آرنڀ ٿي ۽ ١٩ صدين تاءِ هلي. ان جو اڳواڻ هو رامانند (١٤٠٠ع کان ١٤٧٠ع) هو جيتوڻيڪ ڀاڻ برهمڻ ۽ سنسڪرت جو ودوان هو تہ بہ پنهنجي سکيا ۽ ڪوتا جنتا جي بوليءَ هنديءَ ۾ ڇپائين. نہ رڳو ايترو پر هن اوچ نيچ، ذات پات، ڌرم مذهب جي ڀيد ڀاؤ جي زبردست مخالفت ڪئي. ان ڪري هن جا جيڪي شش ٿيا سي جدا جدا جاتين ۽ مذهبن مان هئا. ڪو ڪوري ڪبير هو تہ ڪو ڪسان ڌنو ڀڳت هو، ڪو چمار سنت روداس هو، ڪو نائي سينا ڀڳت هو تہ ڪو راجا پيپا هو وغيره. رامانند پاڻ جيتوڻيڪ نرگڻ وادي (نراڪار ايشور کي مڃيندڙ) ۽ شنڪر آچاريہ جي ادنيت وادي (جيڪو ايشور ۽ انسان ۾ دنيت يا ڀيد نہ ڏسي) هو تہ بہ هن اهي واد

۽ وشواس پنهنجن ششن تي نہ مڙهيا. هو سهپ ۽ سهجيون جو سروپ هو. توري ۾ هنن ڪوين اسان جي ڀارت جي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، عام جنتا جي دلين کي مرهم جو ڪم ڏنو ۽ ڪٽرپڻي ۽ ڀيد ڀاؤ کي پريم ۽ وشالتا، عشق ۽ انسانيت جي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

ان باري ۾ **گرديو ڏڏڏور** چوي ٿو، ”اسان جي اڄڪلهہ جي مرڪب وسيع تهذيب (سنسڪرتي) کي سنت ڪوين ئي جنم ڏنو، جن برهمڻ ڌرم جي تنگدل ۽ مسلم مذهب جي ڪٽرپڻي کان آجو ٿي، هڪ انساني ڌرم اپنايو هو.“ ساڳيءَ طرح **ساڌو واسواڻيءَ** پونا ريڊيو اسٽيشن تان هڪ وياکياڻ ۾ چيو، ”ان کان انڪار ڪري نہ سگهبو تہ هي سنت ڪوي اتهاس جي هڪ آزمائشي دؤر مان لنگهيا. هندو مسلمان جي وچ ۾ هلندڙ سخت ڪشمڪش ٻنهي ڄاڻين جي سماجڪ جيون تي گهرو اثر ڪيو. ان سماجڪ ڪشمڪش ۽ راڄنيتي مونجهاري وقت تهذيب ۽ وشواس جي هڪ نئين جاڳرتا جنم ورتو. ڪنٻرن، ڪورين، ڪاريگرن ۽ ٻين جن کي هيلتائين اڇوت سمجهيو ويو هو، تن آشا ۽ وشواس جا نوان گيت ڳايا.“

شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا کي، سندن زماني جي حالتن، جن جو مختصر ذڪر مٿي ڪيل آهي، جي

روشنيءَ ۾ ڏسبو تہ ان جي اهميت ۾ اضافو نظر ايندو تہ معنيٰ جا نوان موتي بہ ملندا، زندگيءَ جي تنقيد ۽ زماني جي تصوير نظر ايندي تہ سنڌيت لاءِ سڪ ۽ روايت پرستيءَ خلاف بغاوت جي جهلڪ بہ ملندي. البت ڪنهن ۾ گهٽ، ڪنهن ۾ وڌ پر اهي سڀ حقيقتون اسان کي مادي نگاهہ سان ئي ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪا ئي اسان کي پنهنجي صحيح ورثي کي سمجهڻ ۽ سنڀالڻ ۾ سهائتا ڪري ٿي.

تنهي ڪوين جو هڪ مکيہ مکيہ سنيهو آهي انساني ڀيد ڀاؤ کي مٽائڻ جو سنيهو. اهو ڀيد ڀاؤ جيڪو ڌرم مذهب، ذات پات، اوچ نيچ جي بنياد تي ٻيٺل آهي. هنن تنهي شاعرن اهو سنيهو پنهنجي پنهنجي ڍنگ ۾ ڏنو آهي. شاهہ لطيف چوي ٿو:

نڪو ڪسر ڪفارسين، نڪا مسلماني مـن،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
آپـــا ائين چون تـــہ پريـن ڪجو پانهنجو.

هيءُ هڪ بيت ئي ان مذهبي تنگدلي ۽ تعصب کي پرزا پرزا ڪيو ڇڏي، جنهن هندو مسلمان جي وچ ۾ ديوار کڙي ڪري رکي آهي ۽ عام ماڻهن کي نرڳن جي ڊڄڪن ۽ سرڳ جي سپنن سان ڀنيلائي ڇڏيو آهي. شاهہ جي اهڙن باغي بيتن کي ئي خيال ۾ رکندي مرحوم قليچ بيگ پنهنجي ليکہ "شاهہ صاحب

عالم" ۾ لکيو ته شاهه "اهڙيون ٻوليون ٻڌايون آهن، جي ظاهري شريعت جي برخلاف آهن ۽ مست صوفين وانگي جيڪر مٿس ڪفر جو الزام اچي سگهي."

سامي هند و مسلم ميلاپ کي خيال ۾ رکي چيو هو:

* ويد، پران ڪو سڀني ۾ هڪ سوُت
* فارسي ۽ هندي سنت چون ٿا ڳالهه هڪ
* ڀاوين انلحق، ڀاوين ٻولي رام رام
* سڀئي مارگ مت ڳالهه ڪرن ٿا هڪڙي

هڪ هنڌ ته سامي، ملن مولوين جي مذهبي ڪٽرپڻي کي ذڪر هٿندي باغي سر آلاپي ٿو:

"مينڌي مسجد ۾ چاٽي ڪونه فرق."

ساميءَ جهڙين ڪوتاڻن ذريعي سڀني ڌرمن ۽ پنٿن جي ايڪتا تي زور ڏيندي سهپ ۽ سهجيون جو سنديش ڏنو آهي، جيڪو زماني ۾ ته اهم ترين هوئي، پر اڄ به ڪو گهٽ اهميت نٿو رکي.

ليڪن سڄل سرمست ته مذهبي ڪلفت ۽ ڪٽرپڻي جي جنسي جڙ ويهي ڪاٽي آهي. ڏاي ٻاڏلي چوي ٿو:

* مذهب ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا
* مذهب مور مجيا، آءٌ مشرب منجهه مدام
* لاشڪ آهيون لامذهب، اسان غرق ٿياسين درغيغم
* هندو مومن ناهيان

نامين مسجد، نامين حجرا، اندر پير نہ پايان
نامين ڪعبہ، نامين قبلہ، مڪي مؤل نہ جاوان
نامين نانڪ، نامين لڇمڻ، گنگا مؤل نہ جاوان
يار نہ ميڏان درس درازي، سچل ناؤ سڏايان

هي صحيح معنيٰ ۾ سرڪيولرواد (غير - مذهبيت) جو اظهار آهي، جيڪو اڄ بہ نت نئون پيو لڳي، ان ڏس ۾ سچل اڃا بہ اڳتي وڌي هي باغي اظهار ٿو ڪري جيڪو سڄي سنڌ هند جي ٻئي ڪنهن بہ صوفي يا سنت ڪوئي وٽ ڪونهي.

* ڪلمي مون ڪي ڪين ڪيو، مورون مسلمان،
نڪي احمد موڪليو عرب ڪان ايمان،
سچو سو سبحان، عالم ايڪي آدمي.

* ڪلمو پڙهان نہ ڪافر ٿيان، گهران نہ انهيءَ گهير
جاڏي راهہ رسو جي، تاڏي پايان نہ پير.

* اللهہ الهہ چو چوين، پاڻ ئي اللهہ چاڻ.

* جان جان طالب مسجد منبر، ڪين ڪرين ويرانا،
تان تار راهہ قلندر واري، ڪين ملي مردانا.

سچل مذهب جي ڪٽرپڻي جي مخالفت سان گڏ هندو مسلمان کي آگاهہ ڪيو تہ جي پاڻ ۾ ساز سلوڪت ۾ نہ هليا تہ پوءِ پڇتائڻو پوندؤ. هن جي اها پيشن گوئي اڄ اکين ڏسي رهيا آهيون.

چوٿون نُو:

وقت اهڙي ايندو، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪئين مذاهب من مان، ساڃهه ساڻ سويل،
هندو مومن ساڻ سڀ، محبت جا ڪر ميل،
مٿان ٿئي اويل، سچو اوله سج نه الهي.
اوله سج نه الهي، مٿان ٿئي اوير،
ميڙي ويندو مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير.

ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاؤ خلاف شاهه لطيف جو هڪ لاثاني بيت آهي:

ذات نه ذات تي، جو رهي سو لهي

شاهه جي هيءَ هڪ سٽ اڄ به ڪلاسڪ آهي ۽ سماجڪ ڀيد ڀاؤ ۽ ڇوت ڇات جون ڌجيون اڏائيندڙ آهي. شاهه پنهنجي شعر ۾ ڏوٻيائي سمٽي ۽ سردار پنهون، ماڇياڻي نوريءَ ۽ بادشاهه ڄام تماچيءَ، ڪنڀارڻ سهڻي ۽ سردار ميهار جي محبت جو چٽو چٽيندي ان سماجڪ ڀيد ڀاؤ کي زبردست ڌڪ هنيو آهي.

ساميءَ، وري ڇوت ڇات جي ورونهن لئي هن نموني پيش ڪيو آهي:

* رڳي وڏائي، سامي چئي پنت جي
نيچ اوچ ٺيا ڪيترا، ڪري ڪماڻي
ڏيڍ چمار جولاها، بيچارا نساڻي

جنين لنؤ لائي، سي سيپئي سڙيا
* ڀٽت کي پاؤن، ساميءَ ڪيو سنگروءَ
* **جاتت، ورن، ڪل ڪرم ڏي سامي ڪين ڏسن.**

هنن ڪوتائن جي آتمڪ پردي کي لاهي ڏسنداسين ته اسان کي ڪيترائي معنيٰ جا موتي ملندا. انهن ۾ ساميءَ نه رڳو سماجڪ ڀيد ڀاؤ مٽائڻ جو سنيهو ڏنو آهي، پر پنهنجي زماني جي حقيقت جو چٽو چٽيو آهي ته جن ماڻهن کي هيلتاءِ نيچ ۽ ڀٽت سمجهي ايشور جي ڀڳتيءَ کان به وانجهيو ويو هو، تن جاڳي پنهنجو اهو حق حاصل ڪيو هو ۽ سڌ ڪيو ته ايشور اڳيان ٻيه اوچ نيچ جو ڀيد ڀاؤ نٿو هلي. هن ۾، سامي هيٺين طبقي مان آيل سنت ڪوين - ڪبير، ڏنو، روداس، سينا وغيره ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

سچل چيو:

نه مين سني، نا مين شيعا، نه مين ڏوهه نا ثواب،
ذات سچوءَ دي ڪيهي پڇندئين، نالي تان ناياب.

سچل ذات پات، اوچ نيچ وغيره جي ڀيد ڀاؤ جي رسمن رواجن کي ٽوڙي، وهمن جي ٻانهپ کان ڇوٽڪارو پائڻ جو آواز بلند ٿو ڪري. چوي ٿو:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
وهم سچل ڪيڊ ٻانپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

شاهه، سچل - ساميءَ انساني ڀيد ڀاؤ کي مٽائڻ لاءِ

ڱو ڌرم مذهب، ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ٻنڌڻن کي ڇنڊيو آهي، پر پاکنڊين ۽ ٻهروپين، ڍونگين ۽ ڏيکاءُ پسندن ۽ ڪوڙن ڪپتين جي ٻہ قلعي کولي آهي. تنهن ۾ خاص ڪري ملن قاضين، پنڊتن ۽ جوڳين جي تہ هنن خوب لاڪ لاتي آهي. جيئن شاهہ چوي ٿو:

* **ملن** مٿو مـاءُ ، پٽو ڦٽو پيٽ ۾
سچائـي الهہ تہي ڏنـائـون ڌوڙ ۾
* اکر پڙهي اپيا گيا **قاضي** ٿئين ڪياءِ؟
پيرئين ۽ پانئيئن ايـڏان اڻـن نـــہ آءُ
ان سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج **عزازيل** کي
* اندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي
اهڙو ٺلهو ٺانءُ، پڇي چونہ پورا ڪرين
* مورک نام نہ ٻجهئا هيڏانهن هوڏانهن ڪن،
سي ڪيئن پرين پسن، **ڪفر** جن اکين ۾.
* روزا ۽ نمازون، اي پــڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين.

هتي شاهہ، ڪـوڙن ڪانـون ۽ ڪفر وارن ملن ۽ قاضين جي سامهون سچي صدق واري عزازيل کي آڻي ۽ روزن نمازن کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن "فهم" کي پسند ڪري، روايت پرستيءَ کي ٺوڪر هنئي آهي. اهڙي ئي نوع ۾ هن، پيٽ جي پوڄارين جوڙن جوڳين ۽ سوامين جي چڱي جوڙ پچائي آهي. چوي ٿو:

* گولا جي گراهه جا جونا سي جوڳي
قتل او قوڳي، جنين شڪم سانديا
* جنهن سنياسي سانديو گندي ۽ گراهه
انهين ڪان الله اڃا آڳاهون ٿيو.
* سامي چائين سڪه طلبئين، نسا ڏئين نه تن
ماڙهن ڪان منهن ڪيو، **پنهين آڏا ۽ آن**
ڪاپڙي! تو ڪن، ڪ چيرايا **چشن** لء

ساميءَ به اهڙن ڍونگين ۽ ڏيکاءَ پسندن جي خوب چنچري لاٿي آهي، جيڪي ٻاهران ساڌن جو ڀيکه ڌري، اندر ۾ ڪوڙ ڪپٽ جون ڪاتيون ۽ ڪهاڙيون پيا تکيون ڪن ۽ حرام جي هڏيءَ تي هري ويا آهن. جيئن چوي ٿو:

* لکين لپاڙي ڳالهيون ڪن ائه جون
سامي ڪوڙائي ساڌ ٿيا، مٿو ۽ ڏاڙهي
ڪلڪائين ڪپٽ جي ڪاتي ڪهاڙي
پار ڪائي پاڙي وهيا وڃن وهه ۾!
* اندر گند به گند ٻاهرون اڇو اجرو
پير سڏائي پاڻ کي، ڪرين فاضل ڦند.

سامي اڃا به اڳتي وڌي پنهنجي زماني جي حاڪمن، ميرن، حاجين ۽ مکين چوڌري جي ٺڳين چورين جا پول پڌرا ڪيا آهن. جيئن چوي ٿو:

ڪلجڳ جا ڪوڙا ميرِ متعدي چوڌري

راتيون ڏينهان لوڀ جا گهر ڀڃن ڀوڙا *
ويساهي ويساهه سان ٻوهن وسوڙا
* چوري نه چاڻان، مال پرائو نه چڏيان
ڏبيا ٻار انن جا، ڦريا نماڻا
تنهنکون پڇاڻا، ڪريان حق هلال جون ڳالهيون.

سامي انهن ملن ۽ قاضين، گيانين ۽ ويراڳين کي چڱي وٺ ڪئي آهي، جو ڪي رڳو ٻاهران پنا پڙهي ڄاڻن يا پٿر پوڄي ڄاڻن ۽ جپ تپ پيا ڪن يا تيرٿ ۽ بن پيا ڀٽڪن. پر اندر پرين ۽ کي لوچي نٿا لهن ۽ نڪو سچ تي تا سمجهي سگهن. چوي ٿو:

* پڙهن منجهه پيهي ٿو حرف نه لڌو هيڪڙو
توکي ڪل ڪيهي، قاضي ڪتابن: جي؟
* ملا! مٺي ماء پڙهي پڙهجي ڪينڪي ۽
* نيهه بنا نادان، ويد پڙهي وادي ٿيا
* ويدن ڏڳاڙي، ڪوڙين ڇڏيا ڪيترا
* اهنڪاري احمق سچ سڃاڻن ڪينڪي
پڙي واڪ ويدانت جا در در ٻڪن ٻڪ
* پٿر پوڄا ڪن، ديو نه ڏسن ديهه ۾
* مورک ڪهن ڏسن، سامي سپرين کسي
تپ تيرٿ، ورت نيم، جڳ جهد ڪيو جاڳن
غفا، بن، پهاڙ ۾ ٻڪه اُڃ دکه سهن

سامي ۽ منين ڪوتائن ۾ اهي ڳالهيون به چيون آهن،

جهڙيءَ روايت پرستيءَ کي ٽوڪڻ ھٿمنڊ آھن. جهڙوڪ ساڏن سنتن کي جڏهن ويدن جي ناليءَ ۾ عام ماڻهن کي ٺڳيندو ڏٺائين ته پاڻ به چئي ويٺو:

**ويدن جا واڌي**، اسين آهيون ڪيڏيڪي
نڪي ڄاڻون ڇت ۾، اڪل استادي.

سچل به ملن مولوين، پاکنڊين ۽ پيٽ جي پوڄارين کي پريءَ **سنگت** ۾ جنهن ننگو ڪري ٿو پڌري جڏهن چوي ٿو:

* **ملان** ته ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن ٿا خاصا اللهم
هلي اچن ٿا ڪڪن تي، هٿ ۾ کڻن **عاصا**
جهڙي ويهن ٿا مانين تي، ڪيئون ٻڌن ٿا پاسا
ملان **چون ٿا**، ڪين ڏيون ٿا، ڪاٿي رڄن ٿا ڪاسا
سچو سچ **چوي** ٿو ظاهر، بنهون ڪُهن ٿا **باسا.**

* لکن نقش، ڪمائن ڪيما، ميڙن مال خزانا
خوءِ خضر جي، ڪار **شيطاني** حفظ ڪرن قرانا

* مڪر ساڻ ملڪ کي **الٽوا** لڳن
ڪريو پيا ڪڍن الصلوات اللهم ساڻ

* عشق اسان سي زور زور
جنت **ملان دي** نون توڙه

جهڙيءَ سچو ڏيکين **جنت** ۽ ان ۾ ملندڙ حورن کي حاصل ڪرڻ لاءِ يا دوزخ جي ڊپ کان، خدا جي عبادت جهڙو ڍونگ ڪري **مسجد** ۾ پيا آهن، تن کي

جواب ڏيندي سچل چوي ٿو:

* نڪي قـــاضــــي مـلان معلم پير بڻياسين
نڪي ناهه نڳي جا ناهي رنگم وساءِ رکياسين

* نه مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نه ڪيڙم زهد عبادت
نڪي مسجد مندر ويڙس، نه ڪيڙم تقوي طاعت
سچل جو ٿيو بخت سوايو، جو ڪيڙي عشق عنايت

* مسجد جڏي ميخاني منجهان، حاصل ڪيف ڪياسي
ڏوهه ثواب کان آجا ٿي، پوءِ سچل سچ ٿياسي

* عشق باجهه بيا سـب ڪوڙ، سولي تـي منصور
نه ڪوئي دوزخ نه ڪوئي جنت، نه ڪا حور قصور

سچل جي هڪ مشهور لاثاني بت ٿوڙ ڪافي آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو ته پنهنجي پرينءَ جي نازڪي ڏسي مون کان روزو نماز به وسري ويا آهن. ڏسو مذهبي ظاهر پرستي جي، جنهن ان زماني ۾، انساني زندگيءَ کـي گهڻي بوساٽي رکيو هو، ڪيڏي نه کل ٿو اڏائي:

ڪيڙو مست پرين، جـي ڪٺي ناز مـون کي
وسريـو روزو نـــاهي، يـــاد نماز مــــون کي
شوق شـراب پيان، پـــڙ وت راتــو ڏينهان
ڪونهي روي قاضي ملان جو ڪو لحاظ مونکي
وائـي وات ڪهائي، مٺيءَ کـي جهڪا پريـن
اچي ري هو هو پرين، جو ٿو آواز مون کي
سچل مقصد سـارو، ٿونهين وت ٿونهين اللهه

ڏس کو راز پنهنجي، جو کو نياز مون کي.

شاهہ، سچل، سامي ۽ جتي پاڪندين ۽ ڀيروپين، کوڙن ڪتبين جا وڪا پڌرا ڪيا آهن. اتي هنن سڀني انسان ٻڄڻ جي سڳيا ڏني آهي ۽ اهڙن سڀني انسانن جي واڪاڻ پڻ ڪئي آهي. ساڳئي وقت هنن ايشور ۽ خدا کي پائڻ لاءِ پنهنجي من جي وڪارن - ڪام ڪروڌ لوڀ موهہ ۽ اهنڪار کي دٻائڻ تي بہ زور ڏنو. ليڪن هنن جو ايشور تہ هن دنيا جي عام جنتا ۾ وسندڙ آهي جيئن چون ٿا:

* خلق وسي خالق ۾، خالق منجهہ خلق
* ملڪ ڏس مالڪ ۾، مالڪ منجهہ ملڪ
* جڳت ڏنو جانيءَ ۾، جانيءَ منجهہ جڳت

(سامي)

خدا ڪس جاءِ نهين ڇپندا،
اللهہ جڳب لوڪ سارا هئہ.

(سچل)

جبيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون

(شاهہ)

اهڙي طرح هي ڪوي ائين ڪونہ ٿا چون تہ ايشور کي پائڻ لاءِ سڄو وقت هن جو جاپ ويهي جپيو، يا هن تي پيارڻ ويهي رهو ۽ پنهنجا وڪار دٻائي ڪو بہ ڪرم نہ ڪريو. هنن انگالهہ تي زور ڏنو آهي تہ انسان

کي پنهنجي آدم ۽ ڪوشش ڪرڻ ڪيي. جيئن سامي چوي ٿو:

سامي سپ جو ديو آهي **پرشارت** پنهنجو
شاهه جو هيءُ هڪ يادگار بيت آهي:

ٽنهيءَ ٽِڏيءَ ڪاهه ڪانهي وَيل وهڻ جي
ساڳيءَ طرح سچل چيو آهي:
منان وهين مات ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهه.

شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شعر ۾ اسان کي اهڙا ڪيترائي اشارا ملن ٿا، جن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هنن شاهن ۽ شاهوڪارن، مايا جي مريدن ۽ مهاجنن، ظالمن ۽ شڪارين جي سٽي يا اٿسٽيءَ طرح اوگهڙ ڪئي آهي. شاهه پنهنجي هڪ ڪلاسڪ ڪوتا ۾ چوي ٿو:

جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پنڌرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شل موڏي سپ مرن.

شاهه هن شعر ۾ رڳو ڏڪارين ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن تي پٽ نٿو وسائي، جيئن بين نقادن به چيو آهي پر سرمايداري سرشتي جي بنياد جي سمجهاڻي پڻ ڏني ٿو، جيڪو ان زماني ۾ وڌي رهيو هو. اسان کي خبر آهي ته سرمايداري سرشتي جو بنياد ئي آهي نفعي تي - مهانگو لهي ميڙڻ ۽ پنجن مان پنڌرهن ڪرڻ. جيڪڏهن اهو بنياد ڪيو وڃي ته سڄو سرمايداري سرشتو اچي پٽ پوي. شاهه ان ٽن سٽن جي بيت ۾ سرمايداري

سرشتي جي لوٽ ڪسوٽ تي لعنت هڻڻ لاءِ ڇڻ، ساگر کي ڪوزي ۾ سمايو آهي.

سچل ته ببانگ چيو:

نه مان حاڪم، نه مان ظالم، آهيان امن جو امير

سامي جيڪو پاڻ هڪ ڏنوان سيٺ ۽ واپاريءَ جو پٽ هو، تنهن کي مايا (پئسي) ۽ ان جي مريدن جي افعالن جو اونهو انيو ٿيو ڏسجي، جو هن پنهنجي ڪوتائن ۾، مايا کي جنسي حرف پڻيا آهن. ڇي، مايا نانگڻي، منهن ڪاري، ڏندري، ڏيوالي، ڏائڻ، بلا آهي. چوي ٿو:

ڏاڍي ڏيوالــي مــــايـا ڏائـڻ ڏنـــدري
سامي ڪيو جنهن سڀ کي ڪرپڻ ڪنگالي.

انهن انسانن، جن مايا سان پنهنجا محل پريا آهن ۽ بين کي ان جو فائدو نٿا ڏيـن، تنکي سامـي اجهو هيئن ٿو ياد ڪري:

هڪ ڪٺو نه ڏئي پاڻ، ٻئي کي پنگر وجهي پائي
مـــايا تنهن مـــورک جـــي آهـــي اجـــائي
سو وڏو پاپي پڌرو، جنهن کـي اهڙي عادت آئـي

ڏنهي ڪوين، جني شاهوڪار ۽ مايا جي مريدن تي ملامت مڙهي آهي، اتي هنن غريبن ۽ محنتين لاءِ قرب جو اظهار ڪيو آهي. شاهه جي شعر ۾ ته ان اظهار جي جنسي پلتان پلٽ لگي پيئي آهي. هن هارين نارين، پنوهارن ۽ سنگهارن ۽ انهن جي ”ڏٿ ڏهاڙي سومرا“

واري جيوت جو چتر چٽيو آهي، جيڪو خاص ڪري سر سارنگ، سر ڍهر، سر ڪاموڏ ۽ سر مارئي ۾ ڏنل آهي. چوي ٿو:

* مند ٿي منڊل منڊيا، تاڙي ڪي تنوار
هارين هر سنباهيا، سڙهــا ٿيا سنگهار
اڄ منهنجي يــار وسڻ جـــا ويس ڪيا

* چنل چيچ هٿن ۾، ڪنهن ڪــوڏارا
پورهئي خـــاطر پانهنجي اٿــن سوارا
اوڏ بہ ويچارا، لاڪـــا! وڃن لاڏيو.

* چاريون، ڪاريون، چيچ چيريون، جنجي محبت مڇي ۽ ماڻ
رهن، وهـــن، سر پانڌئين، سيپئي بد بوء هاڻ
لڏڙن جيئن لطيف چئي، پاڻي ۽ وجهن پاڻ
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سـر ڪيو پانهنجي.

* آڻين ڪي چاڙهين، ڏت ڏيهاڻي سومرا
ستا ڪيو، سيد چئي سانــون سڪائين
منجهان لنب لطيف چئي، چاڙر ڪيو چاڙهين
پـلاءُ نــہ پـاڙيـن، عمر آراڙي ۽ سين.

* ڏٿين پٽين ڏيـر، مهين ماروئڙن جـــا
پائر سپ پچي پيو، گهر گهاريندي ڪير
ڪونئين لڳن ڪير، محلين منجهي سون هنئون

* سنهي ۽ سمي ۽ سيبو، مون مارون ۽ سين ساهہ
ويڻي وساريان سومرا، گـولاڙا ۾ گاهہ

هنئون منهنجون هٿ ٽيو، هٿ مٿيءَ ۾ ماهه
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

غريبن ۾ هيٺئين طبقي وارن ماڻهن جي جيڪا دلڪش تصوير ڪشي لطيف ڪئي، اها سچل ۾ ساميءَ برابر نه ڪئي آهي ته به هنن پنهنجيءَ ڪوتا ۾ اهو اهڃاڻ ضرور ڏنو آهي ته هنن جو انهن ماڻهن لاءِ هڏ ڪڙڪي ٿو. ساميءَ جي هيٺين هڪ سٽ ڏي ان اظهار جو آئينو آهي:

غريبي گلزار اٿي موچاري مينگهو چوي

هڪ ڏنوان سيٺ، جنهن جو واپار وڏن ڏيساورن سان هلندو هو، ان جي پٽ ساميءَ جي ان زماني ۾، چيل مٿين هڪ سٽ به ڪافي اهميت واري آهي.

ساڳيءَ طرح سچل به سر مارئي جي ڪن ڪافين ۾ سانگهيڙن جي جيون جي جهلڪ پسائي آهي. ماروئيءَ واتان چوائي ٿو:

* سارو سنگهارن ڏي، حال منجهان روئي
وجهان پرنديءَ باهه ۾ شالون پٽ سيوڏي
آنديم ڪٿي ڪوهه تون، آب پيري اوئي
اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪپڙي توئي
* شال نه وسارين مارو مونکي شال نه وسارين.
درد جنين جو آهي دل کي
پهون پنوهر پانهجا، ويجها وهارين
جوڙ اسانجا جهوپڙا، ماڙيون ٿيون مارين.

شاهہ، سچل ۽ ساميءَ، جنهن ڪوتا جي وشيہ (موضوع) جي لحاظ کان پنهنجي زماني جو سڏ (جيڪو انسانيت جو سڏ هو) اونايو، اتي هو ڪوتا جي روپ جي ويچار کان گهربل تقاضا پوري ڪرڻ ۾ به پٺتي نہ پيا. ان زماني ۾ سنڌي ٻولي اڃا ڇڙ ٻاروتڻ ۾ هئي، جنهن کي هنن اصطلاحن ۽ محاورن سان ڏمتار نيٺ سنڌيءَ واريءَ ڪوتا سان جوڀن بخشيو. هنن شاعرن پنهنجا صوفي ۽ ويدانتي ڳوڙها ويچار بہ سليس سنڌيءَ ۾ پيش ڪيا، جيتوڻيڪ ان زماني ۾ ڌرمي شاسترن ۽ مذهبي ڪتابن جون ٻوليون هيون پارسي، عربي ۽ سنسڪرت. ساڳئي وقت هنن ضرورت آهر، پارسي، عربي ۽ سنسڪرت جون تشبيهون ۽ لفظ پڻ ڪم آندا، جيڪو ڏيکاري ٿو تہ هو هر لحاظ کان تعصب کان مٿي هئا.

هنن ٽنهي جو شعر (سواءِ سچل جي اردو ۽ پارسي شعر جي) اڪثر ڪري گيت ۽ سنگيت جي لئہ تيي پڌل آهي، جنهنڪري اهو مڌرتا سان ڏمتار آهي. هنن جي اڪثر ڪوتا، بيت، وائي ۽ ڪافيءَ ذريعي پيش ڪيل آهي، جيڪي ديسي صنفون آهن.

هي سڀ ڏيکاري ٿو تہ هنن کي سنڌيت لاءِ ڪيڏي نہ اٿاهہ سڪ هئي، جنهنجي اڄ بہ سخت ضرورت آهي ۽ جيڪا اڄ اسان جو قيمتي ورثو آهي.

(سنڌي ساهت ڌان)

## پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

# شاهه ۽ سنڌي

شاهه جي رسالي مان ڌي سنڌي ٻوليءَ جي بي نظير وسعت ۽ شاهوڪاريءَ جي پوري پروڙ ٿي پوي. جن صاحبن کي زبان دانيءَ جو شوق ۽ تفحص (ڳولا) جو ذوق آهي، تن لاءِ شاهه هڪ ڪامل رهنما آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل، ٽوڙي مٿس ٻين اثرن جو سماءُ، شاهه صاحب جي ڪلام مان آئيني مثل ڏو ملي. صديون گذري وينديون، ته به شاهه جي برڪت سان، سنڌي ٻوليءَ جو زيب ۽ حسن لازوال رهندو.

رسالي جو کڻو به ورق ورائبو ته ان ۾ لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ عجيب ۽ بي بها ذخيرو موجود نظر ايندو. ملاحن جو ذڪر هجي يا جوهرين جو، جنگ جو بيان هجي يا قيد جو، مڱڻهارن جو وستار هجي يا جوڳين جو، ته سنڌس همرداني (سروگيان) جي خزاني مان، سخن جي هيرن، يعقوتن ۽ فيروزن جي، ساوڻ جي مينهن مثل، وسڪار پيئي ڏسبي. دنيا جي ادب ۾ جيڪي به وڏا معجزا آهن، تن مان شاهه جو رسالو هڪ آهي.

شاهہ جي نظر ۾، سنڌ جا سپيئي پيشا نوراني آهن. سندس قرب، لهارن ۽ واڍن کان وٺي، صرافن ۽ سونارن تائين همہ گير آهي. شاهہ کان گدا تائين هرڪو نشہ سندس محبت جي دام ۾ گرفتار آهي. انهيءَ جو ثبوت رڳو ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي مثال مان ئي ملي وڃي. شاهہ صاحب، راءِ کي جن سهڻن ۽ سڀاجهن نالن سان ٿو سڏي، تن مان ڪي هي آهن: راءُ، سنهارو، سورٺ ور، پانڌپ، راجيا، سلطان، گهوٽ، ملوڪ، جادم، ڪنگهار، ڳرنار جو ڳل، ٻانائين، ڏاتار، ملڪ ڌڻي.

وري ٻيجل سان ٻوليءَ جي سهڄ ٿو ڪري: مڱڻهار، مڱڻو، چارڻ، جاجڪ، ربابي، پينار، قوال، سائل، عطائي، ميراثي، راڳائي، ٻيجلئو، پان، سوالي، پارس، ماڄ، پاٽ، ٻارت، ڏمير، رڳو نالن پڙهڻ سان ئي اسان ۾ راءِ لاءِ حرمت ۽ ٻيجل محبت پيدا ٿيو وڃي.

شاهہ صاحب جن نالن سان جوڳين کي ياد فرمايو آهي، تن ۾ سندس روپ ۽ ڳڻ چٽيا پيا آهن: جوڳيڙا، لاهوتي، ويراڳي، ڪاپڙي، بيراڳي، جوڳي، ٻاٻو، ٻيکاري، نانگا، سامي، آديسي، ڪلپتي، سنياسي، موالي، ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪنوٽيا، ڪن چير، لانگوٽيا، اسور، پوربيا، ساميڙا، گودڙيا، آدوت، گونگا، ڪاهوڙي، ڏوٿيا، ريگڙيارا، اوسر آسائوم، مهيسي، فقير، راول، سهاڳي، صابري، رند، هرڪيس، جنگ.

شاهہ صاحب، اميرن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو ذڪر ٿو ڪري تہ ڪيس شربت، پلاءُ، طعام ٿين جا، پٽولا، سالوڻ، ايلاچ، بخمل، بافتا، کهنبا، آرام، پٽ چير، پاندوڙا، آرغيچ، عطر ۽ عنبير، دل تي تري ٿا اچن.

وري مسڪينن جي حال جو تصور ٿو ڪري تہ ڪيس هنن جا سادا ويس ۽ ڪاج اچيو ياد پون: لاڪ رتايون لوئيون، ڪتيون، سگڙا، ڪاوا ڪراين جا، گولاڙا، گگريون، پلر، سگر، سائون، ڏؤنرا، کهہ، مانڌاٹو، مکٽي، ڪرڙ، ڪرير، للر، ٿوهہ، مجر، لنب، چائو، آراڙي، ڏٿ، سوارچ، ڪاٿونبا، پپون، پسي.

شاهہ صاحب، جنگ جي بيان ۾ جنگي سامان جي ڪي ياداشت ٿو پيش ڪري: طبل، باز، تبرون، ڪند، ڪنارا، ڪير، نيزا، تير، ٺڪ، تڙا، سانگيون، ڪرڳہ (ترار)، سپر، سرنايون، سنڌڙا، پسالا، ڍالون، تيغون، ڪارين پکين ڪان.

هاٿي وري قيد يا بند جو سامان: ڪونيون- ڪاٺ هٿڙيون- پيڪڙا- ڪاٺ- هٿڪڙول- زبريون- بيڙيون- ڳٽ- زنجيرون- ڪراين- ڪانا- ٺڪون- هڪون- نير- لوهہ.

شين جي نالن جو تہ ڪاٿوئي ڪونهي. تير ڪمان وٺي جهاز تائين، هر چيز لاءِ ڪيئي نالا آهن. مثلاً تير جا نالا: سر- ڪان- ٻاڻ- سيلو- بباو- ٽنگر- ناوڪ- سيخ-

پيڪان- سينگيءَ- لوهه- لوري. ٻيڙين جا قسم، شاهه جي نالن مان ظاهر آهن: نيهه- ٻيڙو- جهاز- جنگ- جهاج- غراب- مڪڙي- نري- ڏنگي- تراز- ترازو- مڪڙو- چتر (ٻرائو جهاز)- وڏاندري (وڏي ٻيڙي)- اپڪڙي- هوڙاڪ. هيئنر ته ڪو سمنڊ جي ڪناري تي ويهڻ کان سواءِ ئي شاهه جي سخنن ڏانهن نظر ڪري، ته سندس سيني ۾ ئي ساگر اڇي اٿلون ڪائيندو.

اگهور- اوڙاهه- اجهور- ديوانو درياهه- اڇ- اجهاڳ- اتانگ- عميق- سائر- ڪن- ڪرڳل- ڪوچ- ڪارونپار- اونهون- پار- تار- لهريون- ويريون- ڪڙڪا- سڙڪا- لڙ- لس- ليٽ-گهير- چوهو- درهڙ- ڏنس- ڏؤر- ڪاريهر- ڪڙڪا- چرڪا- سنسار- لوهٽيون- تيليون- مڇ- واڳو- ٻاگو- درندا جا نار. مطلب ته رڳو نالن پڙهڻ سان ٻڌڻ سان ئي سمنڊ جي دهشت اسان جي دل تي طاري ٿيو وڃي. هتي صرف ڪي ٿورا مثال ڏنا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيترو لفظن جو خزانو آهي، تيترو ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ مشڪل هوندو. اهو سڀ شاهه ئي ثابت ڪيو آهي. رڳو رسالي مان ئي عاليشان لغت ٺهي سگهي ٿي. شاهه صاحب لغت نويسن جو به سرتاج آهي.

وڏي ارمان جي ڳالهه آهي، جو سنڌي ماڻهو ئي سنڌي زبان جي وصف ۽ خوبين کان ناآشنا (اڻ واقف)

آهن. شاهه صاحب جو گرو رومي ٿو فرمائي:

هنديان را اصطلاح هند مدح - سنديان را اصطلاح سند مدح يعني هندي ماڻهن کي هندي پياري آهي ۽ سنڌين کي سنڌي. هن نئين دؤر ۾ اسان جي قوم ۾ کي اهڙا به نيڪ انسان پيا آهن، جي سنڌي پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ کي عيب، ۽ هندي ۽ انگريزيءَ کي گفتگو جو زيب، سمجهندا آهن. انهن پنهنجي مادري زبان کي "زندهه درگور" (جيئري قبر ۾) ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي قسم جي ذهنيت روي زمين تي ڪنهن به قوم ۾ نظر نه ٿي اچي.

اهڙا هاجا ٿين، بري هن ٻنيور ۾

شاهه جي رسالي جو اڀياس نه صرف ٻوليءَ جي لحاظ کان لازم آهي، پر انسانيت جي گڻن ۽ وصفن کي زنده رکڻ لاءِ به. زندگيءَ جا جيڪي به اعليٰ قدر آهن، سي سڀ شاهه اسان کي ذهن نشين ٿو ڪرائي، اها نهايت حيرت ۽ حسرت ۾ وجهندڙ حقيقت آهي، جو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي وساري ڇڏڻ جون فرمائشون به اسان جي قوم جي ڪن سرڪردن وٽان ڏي جاري ٿيون آهن. هڪ طرف تفحص (کوجنا) جي اهميت تي زور آهي، ٻئي طرف ٻوليءَ کي ترڪ ڪرڻ جون مصلحتون آهن. قوم جي رهنمائي هينئر وڃي سڀڪان جي حوالي ٿي آهي. سنڌين جي مڙني مسئلن جو حل، ۽ سڀني

دردن جو درمل، ديوناگريءَ کي ئي سمجهيو ٿو وڃي! ٻوليءَ کان نفرت. لپيءَ لاءِ حقارت، غيرن سان الفت، پنهنجي پهر سان ڪلفت. سنڌي سماجهڙيءَ جو حال وڃي سسئيءَ جهڙو ٿيو آهي:

نڪو ڪيچ ڀنڀور، نڪو مائٽ منڌ جو،
هور مڙوئي هن کي، هوتن ڪونهي هور.

"ڏوٻڻ" وانگر، سنڌي نه مري ٿو، نه جيئري ئي رهي:

نڪي ٿي جيئان، نڪي مئي آهيان.

سنڌيءَ جي نيم بسمل حالت، شاهه جي وايڙن جهڙي آهي:

ڪنيس ڪويڄن، تن طبيب نه گڏيا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڌن، ڀاڻان ڏيل ڏکو ٿيو.

سنڌي ويچارو "صوفي لاڪوفي" آهي. ڪنهن سان به سنڌس وير نه آهي. هن کي سڀني ذاتين ۽ قومن لاءِ هڪجهڙو قرب ۽ محبت آهي. باقي ديوناگريءَ دواران، سڀ قومون هڪ ٻئي جون حبيب ۽ قريب ٿين، سو هڪ اهڙو معجزو آهي، جو ڪو ولي يا پيغمبر به نه ڪري سگهندو. شاهه صاحب اسان کي اڳيئي آگاهه ڪري ويو آهي:

ديسي سيڻ ڪڄن، پرديسي ڪهڙا پرين.

سنڌي جلسن ۾ هتي جي نيتائن ۽ ودوانن جو شامل ٿيڻ نيڪ فال (سڀاڳو سوڻ) ۽ مبارڪ اسم آهي، پر

"خود را فضیحت و دیگران را نصیحت"
وارو عمل شل نہ ٿئي! "تنھن کھٽيءَ ڏبو
ڪوھہ؟ جي رھٽيءَ رھيو نہ سپرين."
صدين جي خزاني کي ضايع ڪرڻ جو عمل، فخر جو باعث نہ آھي، پر نيستيءَ جي سيلاب کي روڪڻ جي ڪنھن کي مجال آھي؟

دنگي وچ درياھہ، کي ٻڏي کي اپڙي،
ھو جي وڏي واڻيا، سي سونھڻ سپ سڙيا،
معلم ماڳہ نہ اڳئين، فرنگي منجھہ قريا،
ملاح! تنھنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙھيا،
جتي ڏينگ ڏريا، تتي تاري تنھنجي!

خبر ڪانہ آھي تہ ٻوليءَ جي معاملن ۾ ملاحن پاڻ کي کھڙي غار ۾ وجي لڪايو آھي. نہ سخن جا صراف رھيا آھن، نہ جوھري. "صرافنئون ذنو، ماڻڪ ملاحظو ٿئي." اسان جي سھڻي زبان جو قدر، پرزا ٿيل موتيءَ وانگر، زبون ٿي ويو آھي. نہ ان کي حڪومت تسليم ڪري، نہ سنڌي ان جي تعظيم ٿا ڪن. موتيءَ کي پرزا اسان پاڻ ڪيو آھي.

ماڻڪ، منڌ ھٿان، پيتيءَ ۾ پرزا ٿيو،
سچو تان، سيد چئي، لھي لکہ سوا،
پڳتي پڇاڻا، پدمان پري ٿيو.

ھن دور ۾ ٻولين جي اڀياس لاءِ نھايت وسيع ۽ باريڪ نظر جي درڪار آھي. آفرين مغربي عالمن ۽

سنڌي وڻجارن (سنڌو رڪين) کي هجي، جي ڪنهن به زبان يا صورتخطي (لپيءَ) جي اپياس کان عار نٿا ڪن. انهن جي جانفاشين ئي ٻولين ۽ قومن کي زوردار بنايو آهي. افسوس جو اسين هينئر وڻجارن کان به ويا آهيون، جو رگهو ديو ناگريءَ جو دامن پڪڙڻ ٿا چاهيون ۽ "عربي لپيءَ" جي اپياس کان عار ٿا ڪريون! سنڌيءَ جو چشمو ساگيو ئي آهي، پر پکي منجهس پيا پيا ڏسجن:

سر آهيئي اگيا، پکي پيا پيا،
جن لميون لاتيون ڏنيون، سي ويچارا ويا،
پاڻونڊر پيا وجي، ڪنجهر ڪنديين.

شاهه کي سمجهڻ لاءِ، جي سنسڪرت جي وديا جي ضرورت آهي، ته پارسي ۽ عربيءَ جو علم به لازمي آهي. انهن مان ڪنهن به هڪ کان ڪنارو ڪرڻ عبث آهي. علم ۾ حجاب ڪرڻ لازم نه آهي. نج سنسڪرت شبد ته هنديءَ مان ئي معلوم ٿيو وڃن، پر پارسي ۽ عربيءَ، توڙي ٻين ٻولين مان نڪتل لفظن کي سمجهڻ ۽ نج سنڌي آواز اچارڻ لاءِ موجوده سنڌي لپي ئي موزون آهي. رگهو ديو ناگري سکڻ سان، سنڌي ادب کان گهٽي قدر محروم ئي رهڻو پوندو. انهيءَ حال سان، هن کان پوءِ، اسان ۾ ڪو قليچ يا گربخشاڻي پيدا ٿي نه سگهندو، بلڪ سنڌي زبان خود، فاني شين ۾ شمار ٿي ويندي.

شاهه جي هيئين بيت جهڙا ڪيئي بيت آهن، جن لاءِ ديوناگريءَ جو جو پهراءُ، هڪ غير فطرتي لباس تي پوندو.

مسونا جن محراب، جسو جامع تن جو،
قبلي نما قلب ڪري، تن کي ڪياڙون طوف،
تحقيق جي تڪبير هڻي، جسمان ڪياڙون جواب،
تن کهڙو ڏوهه حساب، جن هنئڙي هادي حل ٿيو.

ساميءَ جا سلوڪ ٿوڙي رسالي جو انتخاب ديوناگريءَ ۾ شايع نه ٿيا آهن، پر گهڻن سنڌي سدورن ۽ قربائتن ڪچين انهن مان فيض ورتو آهي، تنهن جو علم اسان کي نه آهي.

اسان جي نئين نسل کي جنهن صورت ۾ ديوناگري رسم الخط (لپي) اڳيئي اچي ٿي ته باقي ان کي موجوده اٿيوينا جي علم کان محروم رکي، ڇو ٿو سنڌيءَ جي سرچشمي مان سرڪين پيڻ کان سڪايو وڃي؟ افسوس جو ڪيترن معصومن کي ته اها به آزادگي حاصل نه آهي جو جنهن به لپيءَ ۾ وٺين، تنهن ۾ تعليم پرائيي سگهن. درسي ڪتاب، ادب، ۽ لغت ته درڪنار، مورڳو ڪنهن سنڌي اخبار يا مخزن پڙهڻ کان به سڪيا پيا آهن. انهيءَ تنگدلي، مان سندن ذهن ۾ کهڙو اضافو ايندو، سا هڪ اهڙي معما (ڳجهارت) آهي، جا ڪنهن جي به فهم ۾ نه ٿي اچي. ههڙي لاپرواهي ۽ بي رخي نه پڏي، نه سٺي. پر "آدرش وارن" اڳيان حقيقت پيش

ڪرڻ، "رچن ۾ رڙ" مثل آهي. جن جي "عربي لپيءَ"
ڪان توبه ۽ زاري آهي، تن خود ديوناگري جي سونهن
به بگاڙي آهي. جنهن ڪو سنڌي آواز ميسر نه آهي،
تني ديوناگريءَ جي اصلي صورت کي نقطن ۽ ليڪن
جي نقلي خط و خال ۽ زيورن سان سينگاريو پيو وڃي،
جنهن نه آهي، هي ڪهڙي نقش و نگاري ۽ زرگري
آهي. وري جن جي موجوده لپيءَ سان ازلي محبت آهي،
تن جي مٿان ابدي خنده نازل آهي، جيتوڻيڪ ديوناگريءَ
وارا صاحب اهو تسليم تا ڪن ته سنڌيءَ ۾ عربي ۽
فارسي لفظن جو چڱو انداز موجود آهي.

بر ايـن عقل و دانش ببايد گريست،

هن حساب ۾ اسان کي وڌيڪ حرف به چوڻو نه
آهي. سنسڪرت، پارسي ۽ عربي شاهه جي ڪلام ۾
"ادغام ۾ اعراب" مثل آهن. حجاب ۾ هلي، انهن مان
ڪنهن جو به ديد وڃائڻو نه آهي. ڪنهن به قوم جو،
پنهنجي زبان ۽ ادب کان سواءِ جيئڻ، ڪهڙي حساب
۾ آهي؟

ڪهڙي منجهه حساب، هٿڻ منهنجو هوت ري،
ديد وڃاءِ دوست جو، هلي منجهه حجاب،
ڪسرت آهـي قـرب ۾، ادغام ۾ اعراب.

(نوٽ: هي منهنجا شخصي خيال آهن. ڪنهن به فرقي
يا سنستا جو انهن سان تعلق ناهي - ڪلياڻ آڏواڻي).

**پروفيسر جهمٽمل پاونائي**

# سچل سنڌي

## سچل ۽ سنڌيت

سنڌ ڇڏي آياسون، راڻي پور جي پير واري درازن درگاهه به سنڌ ۾ ڇڏي آياسون، پر درازن جي روح، سچل سائين جو ڪلام، ٻين اهڙين بي بها چيزن سميت، پاڻسان هٿ آندو اٿئون ۽ هت آڻي، ساهه سان سانديندا اچون، صدق سان سنڀاريندا اچون. ڏيڍ پن صدين جو ڪهنو اهو ڪلام، پر اڄ به اهو ڪهنو ڪلام اسين موچ سان پڙهون ۽ موج سان ٻڌون ڇو ڪين موج ايندي سون؟ سچل جا سمورا عقيدا اسان جي سنڌي سڀيتا جا ثبوت آهن، پرماڻ آهن. سچل جهڙن ڪاملن جي ڪلام ذريعي، ڪتابن کان اهو روحاني ورثو پلئه پوندو اچيئون ته سرشتيءَ جا سڀ جنسار، تن ۾ جي هڪڙوئي پرين پسون ته پاڻ ۽ پرينءَ وچان ويڇوئي ڪيئي ڇڏيون.

سچل پرابر سچو مسلمان هو پر نيٺ به ته سنڌي هو. تنهنڪري ڏسي پنهنجي شعر ذريعي، هيڙا ويچار پرگهٽ ڪيائين:

۱ـــ جپ صاحب جو جپ، ڏاگرنتي! گر ملئي

قربانئي ڪپ سان، ڪلفت پيو ڪپ
راست تـوڙي چپ، سچل! ساڳيو ستگرو.

٢- مها ديو جن من ۾، پوچارن تن پرڪ،
انٺي پهر انـدر ۾، لـڪـن لـڪ الـڪ،
رڪي ويٺا راز تي، ڪاپري سي ڪڪ،
جهان ساري جڳ، هو پوڄا ۾ پر ٿيا.

پر جـي سچل پنهنجي ڪلام انـدر صرف انهيءَ نموني جا ويچار سمائي بس ڪري ها ته نه سگهورو سڌجي ها نه سرمست ۽ اها پدوي ڪين حاصل ٿئيس ها جا اڄ هو پنهنجيءَ نرالي ويچار ڌارا ذريعي ماڻي رهيو آهي. جنهن وقت پنڊت برهمڻ "ڌرم جوکي ۾!" ۽ مولوي ملا، "مذهب خطري ۾!" اهڙا نعرا هڻي ڏيهه ڏڪائي رهيا هئا، تنهن وقت، پاڻ ۽ پرينءَ وچان ويڇو ڪيئي، خود ۽ خدا جو فرق ميٽي، هيءُ شهباز سٽ ڏيئي اوچ اڏاڻو ۽ بيحد بلنديءَ تان آلاپڻ لڳو: "آءٌ خدا آهيان."

١- "من خدايم"، موج ۾ سچل يار آلاپيو.

٢- سچو همارا نام نهين، نام همارا پاڪ هي!

٣- آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون! مونکي ڪير پاڻئيون ٿيون؟

آئيو صدق يقين سان، اديون ڙڪي اعتبار،
نوري نـاري ناهيان، آهيان رب ستار!

هيڙيءَ بلنديءَ بي ڊپائيءَ ۾، هيڙي اوچ ۽ اڏام ۾، ڪهڙو شاعر سچل سان برميچي سگهندو؟

## سچل ۽ ڪافي

سنڌي شعر جي خاص ۽ خلاصي رچنا، سنڌيت جي مول نشاني آهي اسان جي ڪافي. ڪافي لفظ شروع ۾ سچل جي ڪافين سان ئي ڪتب آيل ٿو ڀانئجي. سچل جي ڪافيءَ کان اڳ ئي هئي شاهه جي وائي، پر ”وائي“ لفظ ٽوڙي ”ڪافي“ اکر، ڀڄهين بنسبت خاطر خواهه ڪوجها ڪانه ٿي آهي. جيئن شاهه جي رسالي ۾ ڏوهيڙن جي هرهڪ داستان جي هيٺان وائي وڌل آهي، تيئن گرنٿ صاحب جي آسادي وار ۾، سلوڪن جي سموهه سموهه پٺيان پوڙي ڏنل آهي. ڪيترين ئي واين جو نظم آسادي وار جي پوڙين مثل آهي. ڪيترن هندي ڪوين وري دوهن کي سنگيت جي راڳن راڳڻين ۾ وراهي، هر هڪ راڳ وارن دوهن هيٺ، ”سوئيا“ چند ڏنو آهي، جيئن گيائيندي، ڪجهه علحدگي حاصل ٿئي. ”سويا“ اکر ڦريل روپ آهي ”سوائي“ لفظ جو. ”سوائي“ لفظ جي هڪ معني آهي ”ڪجهه وڌيڪ يا پوءِ ڏنل.“ ”وائي“ لفظ جي به هڪ معني آهي ”اُپڪٿا، پويان چيل، Epilogue“ شايد، ”وائي“ لفظ ائين لاڳاپيل هجي ”سويا“ اکر سان.

سچل جي ڪافين جي رچنا هرويرو شاهه جي هرڪنهن وائيءَ وانگر ڪين آهي. ”ڪافي“ نالو سنڌ جي سوگڙيءَ تي ڪيئن پيو، ان بابت رايا اڪيچار آهن: بر بن راين هن وقت خاص ڌيان لهڻو: هڪ بزرگ

سنڌي ماهر موجب، ”ڪافي“ لفظ ”ڪاويه“ (شعر) جو بگڙيل روپ ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف، دکني ڪنارا سنگيت وديا ۾، ”ڪافي“ هڪ ٺاٺ يعني مول راڳ آهي. دکني شعر ۽ ٻوليءَ جو ٻرپاءُ سچل جي شعر تي چڱوئي پيل ٿو ڏسجي، جا ڳالهه ويچار ۾ آڻڻ سان، هيءَ حجت شايد وزنائتي لڳي ته، ٻين دکني ڳالهين سان گڏ، ”ڪافي“ نالو به اتان ٿي سفر ڪري اچي سنڌ رسيو هوندو.

## سچل ۽ دکني ريختو

سچل جو ڪلام اٿاهه آهي. پارسي شعر ته چڱو چوکو چيو اٿس پر ڏيهي ٻولين، جهڙوڪ اردو، پنجابي، سرائڪي ۽ سنڌي، تن سان ٻڙ ڀنڊار ڀري ويو آهي.

١- دوست ميري دل جهاتي ڀاڪي، درد همن سون لاءِ گيا،
بڇيا، نيزا، مڙگـــان والا، سيني ۾ سنڪاءِ گيا.

٢- اس حال اپني ڪي خبر، ڪسڪون سنائون اي سجن!
جنجال هيءِ يهه زندگي' مرني مين ميرا ڪام هيءِ

سچل جي اردو شعر بابت به حقيقتون دلچسپ آهن. هڪڙي ته منجهن ”همن سون“ معنيٰ هم ڪو، مونکي ”نمن سون“ معنيٰ تم ڪو، توکي، ”ڪس ڪون“ معنيٰ ڪس ڪو، ڪنهن کي، وغيره، اهڙيون نحوي بناوتون يا ترڪيبون استعمال ڪيل آهن. سچل سنه ١٧٢٦ع ۾ ڄائو ۽ سنه ١٨٢٩ع ۾ گذاري ويو. دکن طرف، سورهين

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ اتـي جـي اردوءَ منجهه
به اهڙيون ترڪيبون، ”همن سون“، ”تمن سون“ وغيره
ڪتب آنـدل آهـن. هڪ اردو اديب نالـي بصيرالدين
هاشميءَ پنهنجي ڪتاب ”دڪن مين اردو“ منجهه، ان
زماني جي دڪني اردوءَ جون ڪيتريون خاصيتون نرنئه
ڪيو آهن، جن جي مد نظر چئي سگهجي ٿو ته سچل
جي اردو سندس دور جي دڪني اردوءَ مثل آهي.

هي دلچسپ حقيقت هيءَ آهي ته سچل جي ڪن
اردو غزلن مٿان، راڳن جي نالن سان گڏ، ”ريختو“ لفظ
ڏنل آهي. هوڏانهن، دڪن طرف، اوائل ۾ اردوءَ کي
چوندا هئا، ”ريختو“، يعني گڏيل ٻولي. ساڳئي دؤر ۾،
دڪني اردو ۾ جوڙيل غزل کي به چوندا هئا ”ريختہ“ ته
پوءِ پڌرو آهي ته دڪن طرف جو پرڀاءُ سچل جي ڪلام
تي چڱو ئي پيل آهي، جنهن سبب چئي سگهجي ٿو ته
”ڪافي“ لفظ به سچل جي زماني ۾ دڪن طرفان سنگيت
رستي اچي سنڌ ۾ رسيو هوندو هـن باري ۾ اڀياس ۽
کوجنا جو ضروري آهي.

## سچل ۽ سرائڪي شعر

سچل جو پنجابي ۽ سرائڪي ڪلام ٻوليءَ توڙي
رچنا جي مد نظر، اعليٰ درجي جـو آهي. ڪهڙو نـه
منجهس لطف ۽ ميناج آهي!

١- سهڻي دي منهن سهڻي سونهين، واهه عجب چنسالي،
فطري نور ستاري چمڪن، لال سرخي دي لالي،

پـاون در نيساني هوندي، بـــي بها بـــر حالـــي
سچو مست ٿيا وت اڻان، ڏيکہ حسن دي چالـي.
٢- چوڏس چند منهن محبوب دا، واهہ ڪشادي پيشاني،
ويکڻ نـال حيران رهياسي، رنگ ســارا رحمانــي،
جهلڪ الهيندي ڪون جهلي ها، هوئي نور نشاني،
سچو! حسن حسين دي اتون، جان ڪيتي قرباني.

## سچل ۽ سنڌي ڪلام

سچل جو سنڌي ڪلام، سنڌين جي نس نس ۾ پيئل آهي. البت، ڪيترين ئي ڪافين ۾ ڪاتبن جا قهر ۽ ڪلور، ٻوليءَ ۽ وزن جا ظلم جاري آهن، جن سبب منجهن سوڌ سنوار جي سخت ضرورت آهي، تہ بہ سچل جون گهڻيئي سنڌي ڪافيون، واڻيءَ ۽ ويچار توڙي وزن جي لحاظ کان اعليٰ درجي جون آهن:

نت اچي ٿي نهاريان، تنهنجي اچڻ جـون واٽڙيون،
تنهنجي اچڻ جون واٽڙيون، نت نت اچي ٿي نهاريان.
لنو لڪايو لوڪ کون، هنج ۾ هنجون ٿي هاريان،
نت نت اچي ٿي نهاريان.
داغ تنهنجي درد جا، ڏيهہ کي تہ ڪيئن ڏيکاريان،
نت نت اچي ٿي نهاريان.

ههڙيون ۽ هن نموني جون، سوين ڪافيون، ڪيئن نہ سنڌين جي دلين کي سدائين راحت ڏينديون هونديون؟
(١٩٥٧)

ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي

# شاهه لطيف جي عظمت

"شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" جي نامور انگريزي ليکڪ ڊاڪٽر ٽي. ايڇ. سورلي، ايڊنبرگ ۾ "موسا پيرواگنس" Musa Peravagans نالي هڪ ڪتاب انگريزي ٻوليءَ ۾ ڇپايو آهي جنهن ۾ هن دنيا جي مکيه ٻولين. يوناني، لئٽن، فرينچ، اٽلين، عربي، اردو ۽ سنڌيءَ جي مشهور "غنائي" (گيت ڪاريه) شاعرن جي چونڊ ڪلام ڏنو آهي. انهيءَ چونڊ ۾، ڀٽائيءَ جو ڪلام پڻ پيش ڪيو ويو آهي. ڀٽائيءَ جو ڪلام پيش ڪندي نامور ليکڪ جيڪو تعارفي نوٽ لکيو آهي تنهن جو اختصار پڙهندڙن اڳيان پيش ڪجي ٿو.

---

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگي، ڪلام ۽ پيغام جو مفصل ذڪر، مون پنهنجي ڪتاب "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" ۾ ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ايتري گنجائش نه آهي جو ارڙهين صديءَ جي هن عظيم شاعر جي شاعرائين خوبين تي تفصيلي تبصرو ڪجي.

شاهه صوفي طريقي جو هڪ فطري شاعر آهي. هن اسلامي تصوف کي پنهنجي شاعري جو مکيه موضوع

بڻايو آهي، ان ڪري شاهه جي پيغام کي، ته متاڻين پوريءَ ريت سمجهي نه سگهيو، جيستائين اسلامي تصوف بابت ڪجهه ڄاڻ حاصل نه ڪئي ويئي آهي. مون "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" جي انتساب ۾ (جو سنڌ جو باشندن ڏانهن ڪيل آهي) شاهه جي شاعرائين خوبين جو ذڪر ڪندي لکيو آهي:

"No might is here of Rumi's verse.
No Jami's Soul-wrapt music swings.
No high tuned note of Hafiz's wit.
Within your hnmble minstrel song.
And yet ! strange paradox it be
That not less searching is the calm
The Simple music of his lays
Than wise deep utterance of Islam."

شاهه ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪئي. انهيءَ موجب کيس وفات ڪئي اٽڪل ٻه سو سال ٿيا، پر صديون ۽ سال هن زنده جاويد شاعر جي يادگيريءَ کي مٽائي ۽ گهٽائي نه سگهيا آهن. شاهه اڄ به سنڌين جي دلين ۾ اهڙين ٿي موجود آهي، جيئن ٻه سؤ سال اڳ هو، پنهنجي جسماني وجود سان ڀٽ تي پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هو. شاهه جا شعر اڄ به هر انسان جي دل ۾ پيار ۽ پريت جي پاڪيزه امنگن کي جنم ڏيئي ٿا. ڪنهن جاءِ تي شاهه جي شاعرائين خوبين تي

تبصرو ڪندي لکيو اٿم "سنڌ ۾ شاهه جي شاعري کي اهو ئي مٿاهون مقام حاصل آهي جو عوام جي خيالن جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪندڙ شاعري کي هئڻ گهرجي."

منهنجي خيال موجب پاڪستان هڪ ئي عظيم شاعر پيدا ڪيو آهي ۽ اهو آهي "لطيف." اها برابر حقيقت آهي ته شاهه کي پاڪستان جو قومي شاعر تصور نه ڪيو وڃي پر پوءِ اهو فقط ڪن سياسي ۽ تاريخي سببن ڪري آهي، جن جو شعر ۽ ادب سان پري جو به لاڳاپو نه آهي. هن وقت پاڪستان جو قومي شاعر، ڊاڪٽر اقبال (عليه رحمته) کي سمجهيو وڃي ٿو پر جڏهن وقت جي گذرڻ سان هر شيءِ ثانوي ٿي، پنهنجي صحيح جاءِ وٺندي، تڏهن ايندڙ نسل، شاهه ۽ اقبال جي نسبتي خوبين جي فرق جو صحيح اندازو لڳائي سگهندا. بهرحال هتي مون کي فقط شاهه عبداللطيف جو ذڪر ڪرڻو آهي جنهن کي سنڌ جا ماڻهو عزت ۽ محبت منجهان "شاهه" ڪري سڏيندا آهن. شاهه انهن سڀني شاعرن کان عظيم آهي، جن جو چونڊ ڪلام مان موجوده ڪتاب "مرسا پرواگان" ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

شاهه جي شاعري کي "پوري ريت" سمجهڻ کان سواءِ انهيءَ جي سونهن جي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي جا نهايت آزاد نموني ۽ نهايت خلوص سان، شاهه جي

ڪلام ۾ موجود آهي. شاهه جي شاعري خود ثنائي، اجائي وڏائي ۽ تصنع کان پاڪ صاف آهي، حالانڪ اهي شيون مشرقي شاعرن ۾ عام جام آهن. شاهه جي شاعريءَ ۾ نهايت سادڙا ۽ مانيڪا جذبا ۽ احساس آهن جي سچي پچي "شاعري" جي جان آهن. شاهه جي شاعري ۾ هڪ عالم جي ذهانت نظر نٿي اچي ۽ اها نظر اچڻ به نه گهرجي ڇو ته شاهه اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ڪين هئي پر شاهه جيڪي شعر چيو آهي ان ۾ اها رواني ۽ تيزي آهي جا پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪرندڙ پاڻيءَ ۾ هجي.

دنيا جي انهيءَ ايراضي کان سواءِ، جنهن ۾ چيني تهذيب پروش پائي، وڌي ۽ ويجهي، باقي حصي ۾ ٻن ٻولين جي گروهن، تهذيبي ورثي ۾ بيحد اضافو ڪيو آهي، اهي ٻه گروهه آهن. آريائي ۽ سامي. اسپين ۾ مورس جي دور جو عظيم مسلمان شاعر ابن زيدون جي شاعري (جا اسلامي حڪومت جي پيداواري هئي) ۾ اسان کي مسلمان جو "شعوري ڪمال" عروج تي نظر اچي ٿو. ابن زيدون ۾ اسان کي "سامي ذهني بلندي" ملي ٿي. پر شاهه عبداللطيف ۾ اسان کي هڪ مختلف شيءِ ملي ٿي. شاهه عبداللطيف، ابن زيدون کان ست سو سال پوءِ، قرطبه کان هزارين ميل پري، سنڌ ۾ شاعري ڪئي جتي "خالص" اسلامي ترتيب ۽ تهذيب در

حقيقت هئي ئي ڪانه ۽ هئي ته به نالي ماتر. سنڌي ٻولي، ٻين آريائي ٻولين، هندي، مرهٽي، بنگالي ۽ گجراتيءَ جيان هڪ وسيع آريائي ٻولي آهي ڪيترن ئي ڳالهين ۾ بلڪل نرالي ۽ لاثاني پڻ لڳي، ان جو سبب، سياسي ۽ تاريخي واقعا آهن. غزنوي گهراڻي جي بادشاهه محمود غزنوي اتر هندستان فتح ڪري "مسلم سوين" جو سلسلو هندستان تائين پهچايو پر سنڌ ته ٽي سال اڳ (۷۱۲ع) تي مسلمان حڪمرانن جي قبضي هيٺ اچي چڪي هئي. (محمد بن قاسم) هڪ هوشيار مسلمان سپهه سالار، جو حڪمران گهراڻي منجهان هو، سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ برهمڻ خاندان جي راجا ڏاهر کي، شڪست ڏيئي، سڄي سنڌ (ملتان تائين)، پنهنجي قبضي هيٺ آندي.

سنڌي ٻولي پراڪرت جي هڪ شاخ مان جنم ورتو، جا وري سنسڪرت مان نڪتي آهي. ان سڄي "ارتقائي عمل" کي سمجهڻ لاءِ سنسڪرت کي هڪ وڏي ڦيٿي جو مرڪز سمجهو، جنهن مان ڦيٿي جي گهيري ڏانهن چوڌاري تارون آهن. گهيري وارين زبانن جو انداز ۽ لهجو، مرڪز وارين کان مختلف هوندو آهي. سنڌي ٻولي به انهن ٻولين مان هڪ آهي جي پراڪرت مان ڦٽي نڪتيون، اهي پنهنجي مرڪزي نقطه آريه ورت (بهار) ۽ هندن جي ٻين پوتر استانن، جهڙوڪ بنارس،

پاڻنا ۽ ٻترا ڪان هڪ جيترو ٿي پري آهن. انين صديءَ جي شروعات ڪان ٿيل مسلم فتحن ڪان ونبي سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسي ۽ عربي ٻہ راهہ ناهي. انهن ٻنهي ٻولين، ويچاري سنڌيءَ سان اهو ڪجهہ ڪيو جو نارمن فرينچ ۽ انگلو سئڪسن ٻولين، انگريزيءَ سان ڪيو. سنڌي ٻولي ۾ عربي جو اينرو تہ دخل رهيو جو سنڌي ٿي رڳو اهڙي آريہ ٻولي آهي، جنهن کي ضميري پڇاڙي آهي، جا رڳو عربي ۽ هيبريو ٻولي جي خصوصيت آهي. سنڌي جيتوڻيڪ آريہ ٻولي آهي، پر ان ۾ روز مره استعمال ٿيندڙ لفظن ۾ عربي لفظن جو تعداد سنسڪرت کان گهٽو آهي. اهو ئي سبب آهي شاهہ لطيف ارڙهين صديءَ ۾ شعر چوندي سامي ۽ آريائي ٻولين ۽ خيالن اهڙو ميلاپ پيش ڪيو آهي، جنهن جو مثال سڄي هندستان ۽ پاڪستان ۾ ملڻ مشڪل آهي. هيءَ غير مشڪوڪ حقيقت آهي تہ سنڌي هندو بہ مسلمان وانگر، شاهہ لطيف جي تصوف جا وڏا معتقد آهن يا هئا (جو تہ انهن مان گهڻا هاڻي سنڌ ڇڏي ويا آهن.)

شاهہ عبداللطيف پنهنجي شاعريءَ جو موضوع انهن ڪهاڻين کي بڻايو آهي، جي سنڌي مائرون پنهنجن ٻارن کي هندورن ۾ ٻڌائينديون آهن. هن انهن ڪهاڻين کي فطري شعر ۾ آڻي تصوف جي رنگ ۾ ٻوڙي، پاڻي،

پنل ريشم جهڙي چمڪ ڏيئي ڇڏي آهي. سڌيءَ طرح شاهه عظيم فارسي شاعرن جلالالدين رومي ۽ جامي جي صف جو شاعر آهي پر جي ائين چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو ته "شاهه دنيا جو وڏي ۾ شاعر آهي." جيتوڻيڪ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ تصوف جي رسمي ۽ رواجي لفظن ۽ تشبيهن جو گهڻي قدر استعمال ڪيو آهي، ته به هن ۾، "موضوع جي اصليت" بلڪل نمايان آهي. سندس ڪيترن خالص مذهبي شعرن، جي پيٽ ۾ رڳو عيسائين جي پر تصوف ۽ پاڪ نغمن سان ڪري سگهجي ٿي. سندس رومانوي شعر "رهي وڃ رات پنهور ۾" يا "اَڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،" اسان کي سينٽ ائمبروس ۽ سينٽ برنارڊ جي لونءِ ڪانداريندڙ ۽ امنگ اڀاريندڙ شاعريءَ ڏانهن ڇڪي وڃن ٿا ۽ اسان جي اکيان، موجوده زماني جي شاعرن نيوميئن ۽ هئريئيٽ آبر جي نظم اچي وڃي ٿي. اهڙي قسم جي شاعري، ان عملي لياقت ۽ ذهانت واري شاعريءَ کان سو درجا بهتر آهي جنهن ۾ ڪنهن خيال کي هوشياري سان پيش ته ڪري سگهجي پر سنجهس احساس ۽ جذبي جي اها گهرائي عدم پيدا هجي، جا "عام شعر" ۽ "متاثر" ڪندڙ شعر ۾ فرق پيدا ڪري. هن انتخاب ۾ سون شاهه لطيف جا جيڪي شعر پيش ڪيا آهن، سي سندس خالص اسلامي تصوف، شعر جي ميناج ۽ روانيءَ لاءِ

ثبوت ثابت ٿيندا. منهنجي نظر ۾ هن چونڊيل شاعرن ۾ شاهه لطيف سڀ کان زياده لائق آهي. هن جي شاعري به ٻين سنڌي شاعرن وانگر بلڪل غنائي Lyrical آهي، ۽ کيس بخوبي ڳائي سگهجي ٿو ۽ ڳايو به وڃي ٿو. مشرق اڃا تائين پنهنجي شاعريءَ کي ترنم ۽ راڳ کان جدا نه ڪيو آهي، جي ڪنهن کي ان ڳالهه تي ويساهه نه اچي ته هن کي شاهه جي روضي پٽ شاهه تي وڃڻو پوندو ۽ کيس ان ڳالهه جي تصديق ٿي ويندي.

ترجمو: رشيد ڀٽي

قريشي حامد علي

# سامي ءَجا سلوڪ

سنڌي تصوف ۽ ويدانيت واري شاعريءَ ۾ شاهه، سچل ۽ سامي نمايان آهن، جن جي ڪلام ۽ شخصيت تي سنڌي ادب کي فخر ڪرڻ جڳائجي. سامي سنڌي ادب جو در بي بها آهي. شاهه سان گڏ سامي به هڪ امر ۽ زنده جاويد صوفي ۽ شاعر ليکجي ٿو. ڀائي مولچند ڪوڏيتا وارو لکي ٿو ته، سامي نه رڳو بيت ڇپيا پر ڪافيون ۽ شبد به ڇپيا جي اڄ عدم پيدا آهن.

سامي صاحب جا سلوڪ باقاعدي دوهن جي اصول تي آهن. شاهه نون ۽ ڏهن مصراعن تائين به وڌايو آهي پر ساميءَ ڪنهن به سلوڪ ۾ ڇهن مصراعن کان وڌيڪ مصراعون نه ڇيون آهن، ويدن واري قانون تي هليو آهي. جهڙيءَ طرح شاهه ڀٽائي، سچل سرمست ۽ گرهوڙي صاحب جي ڪن ڪن بيتن جون ماترائون قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ مقالن گڏجي ڪري مقرر انداز کان وڌي وڃن ٿيون، تيئن سامي صاحب جي ڪنهن به سلوڪ ۾ وڌيل نه آهن، جيتوڻيڪ سندس سلوڪ اپنشد، گيتا، يوگ سوتر، نارد، سوتر ۽ ڀاڳوت جي فلسفياني

ويچارن سان پريل آهي تنهن هوندي به پنهنجي سلوڪن ۾ ڪٿي به ڪنهن به ڏرمي گرنٿ، مان ڪو ٽڪرو ڪم نه آندو آهي.

سامي صاحب جي ڪنهن به سلوڪ ۾ اهڙي نموني ماترائون وڌيل نه آهن. قافيي بنسبت ساميءَ جا بيت بلڪل پختا آهن. ڪنهن ورلي سلوڪ قافيه هم-آوازي جو اصول ترڪ ٿيل آهي، ليڪن ڪنهن به درويشي ڪلام ۾ اهو عيب نه ٿو ليکيو وڃي.

ساميءَ جي شاعريءَ جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو، تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته سامي لفظ ۽ معنيٰ جو خالق آهي. وٽس سنڌي زبان جي محاورات ۽ مترادفات جو وڏو خزانو آهي، هو جادوگر ۽ سحرنگار آهي. لفظن ۾ بلا جو اثر اٿس! البت سادگي اٿس پر ان ۾ به دلڪشي آهي. جدت ۽ قدرت آهي، مشاهدي جي قوت تيز اٿس، زبان تي پورو پورو عبور اٿس ۽ هڪ قادر الڪلام شاعر وانگر هڪ مضمون کي علحدن رنگن ۾ بيان ڪري سگهي ٿو. سامي صاحب شڪارپور جو رهاڪو هو، تنهنڪري سندس سلوڪن ۾ ”شڪارپور“ جي مٺي ۽ رسيلي ٻولي، سريلي ڪم آندل آهي. بيدل، بيڪس، سچل ۽ دلپت وانگر ساميءَ جي ڪلام ۾ به سريلي ٻوليءَ جا محاورا ۽ ورجيسون آهن: (۱) آهن اگم اپار، راهان رام ملڻ جون. (۲) عشق ڪايو جن، پڇ تنين کون خبران (۳) سرندي کون ٽالو، ورلو ڪو گرمک ڪري. وغيره.

سامي ويدن جي واٽيءَ کي سنڌي لباس پهرايو آهي.
ان ڪري سندس سلوڪن ۾ سنسڪرت جا لفظ به اچي
ويا آهن. سامي جي شعر ۾ عربي ۽ پارسي لفظ به ڪن
ڪن ۾ ڪم آيل آهن.

عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هل
چڙهي نورمحل ۾، ڪيائين حق حاصل
وحدت ۾ واصل پرچي ٿيو پريم سان.

سامي عربي ۽ پارسي لفظ غلط اُچارن ۽ بگڙيل
صورتن ۾ به ڪٿي ڪٿي استعمال ڪيا آهن، انهيءَ جو
سبب تي سگهن ٿا.

سامي پنهنجو ڪلام بنا تڪلف ۽ تصنع جي چيو
آهي، ان حالت ۾ "غلط العام" وارو اصول عمل ۾
آندو اٿس.

قافيه ۽ تجنيس عرفي جي پورائيءَ لاءِ اهو رستو
اختيار ڪيو اٿس. جيئن: "ڪوجي (خوضي) لڌو ڪوچ
("خوض") پرين ۽ پريم نگر جو، بداڻين بانهن چوي
تنهن سهج سروج (سرود)، هردي منجهه هروج (هر روز)
دوست ڪري دوست جو."

ان کانسواءِ ٻيا به عربي ۽ پارسي لفظ ڪم آندل
آهن، جهڙوڪ: ڪامل، ملڪ، مالڪ، تابوت، حافظ،
احمق، طبق، عشق، اورق، مرشد وغيره عربي لفظ آهن،
جي سندس سلوڪن ۾ ڪم آيل آهن. ڪٿي ڪٿي

سامي صاحب صاف ۽ سٺي سنڌي به ڪم آندي آهي.

عبارت جو سينگار ۽ فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ کان سامي جو ڪلام عمدو آهي. سهڻا ۽ روزمره جي استعمال ۾ ڪم ايندڙ اصطلاح سامي جو ڪلام آهن. تشبيهون ۽ استعارا به ڪم آندل آهن. لفظي ۽ معنوي صنعتن جو خاصو انداز ساميءَ جي ڪلام ۾ آندل آهي.

سامي صاحب جي ڪلام ۽ شخصيت متعلق ايترو چوڻ ڪافي آهي ته شاهه کان پوءِ صحيح فڪر ۽ صوفياڻي خيال ۽ ويدانتي ويچار کي سولي ۽ صاف سٺي دلنشين صورت ۾ ڪنهن پيش ڪيو آهي ته اهو سامي صاحب آهي. فلسفه حق ۾ اڪائي آهي دوئي نه آهي. سڀني پيغمبرن، صوفين ۽ سنتن ۽ درويشن جو ڪلام ۽ ٻاڻي انسان ذات جي انفرادي ۽ اجتماعي ڀلي لاءِ آهن. هر ملڪ ۾ وقت جي ماحول ۽ نظريات معاشري معاش مطابق انهن لاءِ اصلاحي ڪم ڏيندو رهيو آهي. پر ڳالهه هڪ ئي چئي ويئي آهي.

سامي جو سمورو ڪلام ويدانتي تصوف سان ڀرپور آهي. خدا جي ملڻ جا اهي سڀئي مارگ ٻڌايا اٿس جن تي ويدانيت جو بنياد رکيل آهي. هو ڀاڳکي سڃاڻڻ تي زياده زور ڏئي ٿو، هو سالڪ کي دنيا جي ٻندن ۾ ڦاسڻ کان منع ڪري ٿو. مسلمان صوفين وانگر انهيءَ ڳالهه جو به قائل نظر اچي ٿو ته خدا جي ڳولا لاءِ عمل جي سخت ضرورت آهي.

**موهن ڳيهاڻي**

# شاهه تي تنقيد

شاهه جو شعر هڪ ڳڻ رنگي گنبذ جيان آهي يا اِئين چئجي ته شاهه جو شعر سنڌيا جي اُفق جيان آهي، جتي هر ڪن ۾ سدائين بدلجندڙ رنگ ۽ نقش ظاهر آهن ۽ هر نقش وري آبدي پڻ آهي.

شاهه ڪي جدا جدا عالمن جدا جدا نموني پئي سمجهايو آهي ۽ شاهه تي ٿيل تنقيد ڪي نظريي ٽوڙي نموني جي لحاظ کان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ آدرشوادي نظريو ۽ درسي نمونو ۽ ٻيو مادياتي نظريو ۽ سماجڪ نمونو. آدرشوادي نظريي ۽ درسي نموني جي تنقيد، گهڻو ڪري سيني عالمن ڪئي آهي. هن گروهه جي عالمن اڪثر ڪري شاهه جي بيت ـ "جي تون بيت ڀانئين، سي آيتون آهن، نيو من لائن، پرٻان سنڌي پار ڏي" کي سندس سچي شعر جي ڪنجي سمجهي هڪ روحاني رهبر جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي ته شاهه جو ڪجهه شعر تصوف جو پيغام آهي. پر شاهه رڳو روحاني رهبر نه آهي.

آدرشوادي تنقيد جا مکيه مثال هيٺ ڏجن ٿا:-

شري لعلچند امرڏنومل "شاهاڻو شاهه" ۾ لکي ٿو،

”وڏي ۾ وڏي خوبي سندس هيءَ آهي، جو جدا جدا نموني- جدا جدا ماڻهن جي واتان عشق الاهي جي باب ۾ ڏاڍا ئو غضب جا ڏوهيڙا ۽ لوڙائو ڏئي ۽ اورڻ آهي تو اوري، جن ٻڌي دل درد ۾ ڳريو وڃي ۽ من شاعر جي سوز واري خيال ۾ محو ٿيو وڃي.“

اڳتي هلي لعلچند شاهه جي شعر جـي خوبين تي وستار سان بيان ڪيو آهي. لکي ٿو: ”شاه نتانئون آهي.... شاه لفظ ساز آهي.... اکرن جو آکٽ ڀنڊار آهي....“

شري چيتمل پرسرام ”شاه ڀٽائي جي حياتي“ جي شروعات ئي ائين ٿو ڪري- ”٢٢٢ ورهيه ٿيا ته سنڌ جي صوفيانه گلستان ۾ هڪـڙو اهڙو گـل گلابي پيدا ٿيو، جنهنجي حسن جي هٻڪار اڄ سودو روحاني رستي جي ڪيترن ئي ٿڪلن ٽٽلن مسافرن کي، ڪيترن پريم جي پيچري تي پنڌ ڪندڙ پانڌيئڙن کـي آنند ۽ آٿت پئي ڏنو آهي.“ ساڳئي ليکڪ ”شاه جي آکاڻين جي سمجهاڻي“ ۾ شاه جي جدا جدا سرن ۾ ڪنيل آکاڻين جي تمثيلي معنيٰ سمجهائي آهي.

شاهه جي سڀني آکاڻين جي جا اندروني معنيٰ سمجهايل آهي، سا منهنجي خيال ۾، ڪٿي ڪٿي هرويرو ڇڪي تاڻي ڪيل، ويئي آهي. پر هن ڪتاب پڙهڻ بعد شري چيتمل جي جـدا جـدا مذهبن بابت علم کـي ساراهڻ کان سـواءِ رهي نٿـو سگهجي ۽ ائين هـن ڪتاب ۾

ڪيترين مشابهتي تنقيد جون سنيون جهلڪون موجود آهن .

مرزا قليچ بيگ ”سنڌي شعر“ ۾ فرمائي ٿو، ”مون پنهنجي وت آهر ٿوري گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌس تاريخي احوال لکيو اٿم. سنڌس رسالو جو اڳي اڻپورو هو سو وري نئون ڇپايو اٿم، سنڌس رسالي جي خلاف لغت يا لغات لطيفي ڇپائي اٿم.. سنڌس رسالي ۾ ڪهڙو مضمون يا ڪهڙو بيت ڪٿي ٿيندو تنهن لاءِ رسالي جي ڪنجي ڇپائي اٿم....“

هن درسي نموني جي تنقيد جي ڪتابن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو مقدمه لطيفي (جو شاهه جي رسالي- ياڱي پهرين جو مهاڳ هو ۽ پوءِ ۱۹۳۶ ۾ جدا ڪتاب ڪري ڇپايو ويو) ڪوجنا ۽ گيان تي ٻڌل ڪتاب آهي. ساڳئي نظريي رکندڙ ٻين نقادن جي ڪتابن کان هي ڪتاب بهتر آهي. هن ڪتاب ۾ شاهه جي زندگي بابت احوال، شاهه جو مذهب، تصوف ۽ ويدانيت، شاهه جو شعر ۽ شاعري، شاهه جي شعر جو مضمون ۽ عبارت، شاهه جو نظم، شاهه جي سنڌي، شاهه جي نحوي بناوتون، رسالي جي تصنيف ۽ تاليف، سرن سان عالماڻا مضمون آهن.

هن ڪتاب ۾ شاهه جي شعر جي ورهاست اهم آهي، جا روايتي ورهاست کان علحدي آهي. شاهه جي عاشقاڻي (مجازي) طبعيت ۽ ظريفاڻي شعر کي الڳ هستي ڏني ويئي آهي.

شري ناراڻداس ميوارام ڀمڀاڻي (شاه جون سورميون) نالي ڪتاب لکيو آهي. پر هن جي سمجهاڻي پڻ آتمڪ واد سان ڳنڍيل آهي. هو چوي ٿو، ”سندس سورميون روحاني تلاش ۾ رڌل آهن....“

ورهاڱي بعد هندستان ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ڪتاب ”شاه“ نڪتل آهي. اهو پڻ ڪاليجي ڏانوَ جو آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ شاه جي شعر جي ڪن ڪن نون پهلن تي روشني وڌي آهي. مثلا ”ناٽڪي طرز“ ۽ ”شاه جا سورما“.

مٿي ذڪر ڪيل ڪيترن ئي عالمن شاه جي وطن دوستيءَ بابت لکيو آهي، پر سندن نظريو آدرشوادي آهي ۽ نہ اِتهاسڪ. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پڻ شاهم جي وطن دوستيءَ تي لکيو آهي پر هن، شاه کي وطن دوست تائين محدود نہ ڪري، شاه جي عالم دوستيءَ بابت پڻ لکيو آهي. هو چوي ٿو، ”ظاهري ويس سان شاه جو ڪوبہ تعلق نہ آهي. چيني، رومي، سمرقندي، ترڪي، مغربي وغيره مڙيئي هڪ عالمگير برادريءَ جا فرد آهن، جنهن ۾ هر هڪ سچو انسان پاڻکي گم ڪري سچي سرشتيءَ سان پاڻکي هڪ ڪري ٿو ڇڏي.

”جز وڇايو جو ڳيئن ڪل سين آهين ڪم“ (سر رامڪلي)

حقيقت ۾ اهو مضمون پهرين حيدرآباد ڪاليج جي مسلني ”ڦليلي“ ۾ آڪٽوبر ١٩٤٦ ۾ ڇپيل آهي.

ڪن عالمن شاهه کي نئين نظر سان ڏسڻ جي شروعات ڪئي آهي. سندس نظريو تاريخي ماديت ۽ جدلياتي ماديت تي ٻڌل آهي ۽ سندن نمونو سماجي آهي. هن نئين نظريي واري تنقيد جي شروعات شري تيرٿ ٻسنت پنهنجي مضمون ”شاهه جو سنيهو“ ۾ ڪئي، جو سندس ڪتاب ”چڻنگون“ (١٩٤٠) ڇپيل آهي. هو چوي ٿو ”خيال جو مطلب خيال ۾ آهي، شايد ڪنهن فيلسوف يا يوگيءَ جو آديش تي سگهي ٿو، پر شاعر جو هرگز نه.“ هو اڳتي چري ٿو، ”شاهه کي فقط مولانا روميءَ ۽ هندو جوڳين جي عينڪ سان ڏسڻ صحيح نه آهي...“ ۽ هن ملڪ جو آتش خيز آفتاب ۽ وسيع ويرانيءَ جنهن جي روح افزا اثر هيٺ اسين پليا آهيون، سو شاهه جي رڳ رڳ مان بلند آواز ڪري ٿو نڪري....“

ورهاڱي بعد هند ۾ ڪن مارڪسوادي ليکڪن شاهه تي مضمون لکيا جن مان ذڪر قابل آهن. شري گوبند مالهيءَ جا ”شاهه جي ترقي پسندي“ (”نئين زندگي“ مخزن) ۽ ”شاهه جون سورميون“ (”نئين دنيا“) ۽ اتم جو ”شاهه جي شعر جو پس منظر“. (نئين دنيا ۾ ٽن قسطن ۾ ڇپيل).

شري گوبند مالهي پنهنجي مضمون ”شاهه جي ترقي پسندي“ ۾ شاهه جي روايت پرستي خلاف رويي تي ظاهر ڪيو آهي. هو لکي ٿو، ”اهو جاگيردار دؤر هو سڌيءَ طبقيوار تفاوت ڏينڏلوئي ته هو. ان وقت

جي ترقي پسنديءَ جي تقاضا طبقيدار سجاڳي تي ٿئي سگهي.... ان وقت مذهبي روايت برخلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ، سڀ کان وڏي ترقي پسندي هئي ۽ شاهه ته عملي نموني هر قسم جي روايت پرستيءَ جي مخالفت ڪئي. هن ”شاهه جو سورميون“ ۾ شاهه جي سورمين جي انساني عناصر تي زور ڏنو آهي ۽ نه پيپاڻي وانگر جيڪو شاهه جي سورمين کي الاهي تلاش ۾ رڌل ٿو ڏسي.

شري اتم شاهه کي، ”.... پنهنجي يگ جي سچائي پيش ڪندڙ، نون قدرن جي سڌي يا اڻ سڌي طرح حمايت ڪندڙ....“ ڪري پيش ڪيو آهي. اتم تصوف کي پڻ اتهاسڪ پس منظر ۾ ڪنهن وقت جي هڪ ترقي پذير ڌارا ڪري پيش ڪيو آهي. هو چوي ٿو، ”هن ويچار (تصوف) ان پيد کي ختم ڪري ڇڏيو ته خدا هن دنيا کان مٿي آسمان جو ڌي رهندڙ آهي ۽ ان خدا ۽ ماڻهو جو سٻنڌ ڊپ جي بنياد تي نه، پر محبت جي بنياد تي رکيو. تصوف جدا جدا ماڻهن وچ ميلاپ جو ڦهلاءُ ڪيو، ان جاگيردار نظام جي مردار رسمن رواجن جي ڪڙي مخالفت ڪئي. اهو ظاهر پرستيءَ جي خلاف هو. ان انساني دوستي ۽ رواداريءَ جي سکيا ڏني....“

وڌيڪ ڪان ٿورو اڳوات شري چيتمل پرسرام ”مهراڻ“

جي آڪٽوبر ١٩٤٢ع ڌاري پرچي ۾ شاهه جي انترراشٽرتا جي حامي هئڻ ۽ شاهه جي سياسي سنيهي بابت ليک شايع ڪيو. سندس نظريي ۾ ڪي ماديات‍ي ويچار ڌارا جا عناصر موجود آهن، پر اهي بلڪل ڏنڌلا آهن.

جي. ايم. سيد "پيغام لطيف" ڪتاب ۾ پڻ شاهه جي سياسي نظريي سان ڏسي پيش ڪيو آهي ۽ باوجود ڪن هنڌن زوريءَ معنيٰ ڪڍڻ جي، اهو ڪتاب "سنڌيت" جي هلچل ۾ هڪ يگاني جڳهه تو رکي. هن ڪتاب ۾ ڪيترائي صفحا شاهه جي وقت ۽ ڪانئس اڳواٽ اسلامي دنيا جي جدا جدا ويچار ڌارائن جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان وقت جي سياست جي پس منظر ۾، اهو ڏيکاريو ويو آهي، ته شاهه صاحب سنڌ جي هڪ جدا حيثيت جي خيال جي پٺڀرائي ڪئي آهي ۽ ان وقت اورنگزيبي طريقي، "پڻ اسلامي" فاسٽ حزن جي مخالفت ڪندي مذهب ۽ سياست کي الڳ رکڻ جو نظريو پيش ڪيو آهي. شاهه جو مذهب جو نظريو وسيع آهي. جي. ايم. سيد چوي ٿو، "(شاهه) مسلمان جي جداگانه قوم جي نظريي کي اميرانه ذهنيت سمجهي ٿو. هن جي خيال موجب جهڙي طرح سج جي روشني ۽ هوا کي چند شخصن ۽ طبقن جي ملڪيت تسليم ڪرڻ ۽ بنائڻ انسان ذات جي ڪثير تعداد سان ظلم ۽ دشمني ڪرڻ برابر ٿيندو، اهڙي طرح حق کي به محدود ڪري ڪنهن مخصوص گروهه جي ملڪيت

يا ورثو بناڻ ساڳئي ذهنيت جو نتيجو ٿيندو....

۽ اڳتي هلي ساڳيو ليکڪ چوي ٿو، ”شاهه صاحب ڏڪارين مهانگو مينڻ وارن، پنجن مان پندرهن ڪرڻ وارن ظالم زميندارن جي سخت برخلاف هو. انهن جي ختم ٿيڻ جون دعائون گهريون اٿس....“

پنجن مان پندرهن ٿيا، ايئن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال موذي سڀ مرن،
وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن.

ساڳئي بيت لاءِ شري آتم متي ذڪر ڪيل پنهنجي مضمون ۾ هن ريت ٿو سمجهائي ڏئي: ”جيڪڏهين اتهاسڪ درشٽيءَ کان ڏسبو ته مٿين بيت ۾ شاهه رڳو ڏڪارين ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن تي پٽ نٿو وسائي، پر سرمايداري سماج جي بنياد جي تشريح پڻ ڏئي ٿو. اسان کي سڌ آهي ته سرمايداري سماج جو بنياد آهي نفعي تي- مهانگهو لهي مينڻ ۽ پنجن مان پندرهن ڪرڻ. جيڪڏهين اهو بنياد ڪڍيو وڃي ته سڄو سرمايداري سرشتو اچي پٽ پوي.“

حقيقت اها آهي ته مٿيون بيت پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ ان ۾ چاتل سچاتل ڳوٺ جي واڻئي ۽ زميندار جي شڪل جون ڪي ريکائون ظاهر آهن.

وقت بوقت سنڌ ۾ ”شاهه يادگار ڪائونسل“ پاران شاهه جي ورسيءَ تي ڪي مضمون شايع ڪيا ويا آهن جن جو ذڪر ٻئي دفعي ڪبو. (١٩١٢)

# ساميءَ جو ڪلام

لطيف ۽ سچل وانگر، سامي به پنهنجي دؤر جو باغي شاعر آهي. ان جو تصوف ۽ ويدانت جي اوٽ ۾، مذهب ۽ ڌرم، پنڊتن ۽ ڀاون، ملن ۽ مولوين تي چوٽون ڪيون آهن. سندس اهو شعور يقينا ان دؤر جي سياسي ۽ ملڪي ڪشمڪش ڌرمي ۽ مذهبي فرقيبندي، بي روح ۽ رسمي عبادت ۽ ڇپشيا، ذات پات ۽ رنگ نسل جي پيدا ڪيل جي رد-عمل ۾ پيدا ٿيو آهي. چوي ٿو:

١- پٿر پوڄا ڪن، ديو نه ڏسن ديهه ۾.

٢- توکي ڪل ڪيهي، قاضي ڪتابن جي.

٣- ڏاڏي ڏيوالي، مايا ڏاڍڻ ڏندري
سامي ڪيو جنهن سپ کي ڪرپڻ ڪنگالي.

سامي مايا کي منهن ڪاري، ڏندري، ڏيوالي ۽ ڏائڻ سڏي، گويا سرمائيدار طبقي خلاف پنهنجيءَ نفرت جو اظهار ڪيو آهي ... بهرحال، ساميءَ جو ڪلام تصوف ۽ ويدانت جي اپٽار به آهي ته ان دؤر جي صحتمند تقاضائن ۽ بيمارن قدرن جي نشاندهي به ڪري ٿو.

(مولانا گرامي مهراڻ-١٩٦٤)

# حق پرست سچل

سچل حق پرست، اعليٰ دماغ، فراخ دل، همدرد انسان هو. هن جهڙو اختيار، اقتدار جو مخالف، دنيا ۽ فريب جو دشمن، آزاد خيال ۽ بي ڊپو شخص واجهه وجهندي به ڪو ڪوليو ليي. هن وقت هجي ها ته انقلابي بڻجي پوي ها. سندس صدق ۽ دل جي صفائي، محبت ۽ قرب سنگدل کي به موم بڻائي ڇڏي:

”جي هئين عاشق ته برسر ميئهن محبت جو وساءِ
ساهه جو سانگو ڪرين ته پير هن پڙ ۾ نه پاءِ“

هن الله لوڪ سر تان اگهيئي اهو پلي ڇڏيو هو، تڏهن ته اهڙي بي ڊپائي ۽ جرئت ڏيکاري اٿس. هن پنهنجي جيءَ سان جنگ جوئي ۽ جڳهه جي بڇڙاين خلاف صدا بلند ڪئي. سندس وقت ۾ مذهبين جو بول بالا هو ۽ شايد هن وقت به ڪن هنڌ آهي، تنهنڪري هن انهيءَ زهري ذهنيت خلاف پڪاريو:

”مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي پيريءَ بزرگيءَ بيحد ڀلايا
ڪي نمازون پـڙهن نوڙي، ڪن مسجد وسايا
او ڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق ڪي.“

**نيرٽ بسنت**

**حسام الدين راشدي**

# شاھ جو ڪلام

ٻارهين صديءَ ۾ سياسي طرح سنڌ وڏي ڪوپ ۽ ڏاڍيءَ ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي. مغلن جي غلاميءَ جو ڳچيءَ مان ڳٽ نڪتو ئي مس، هتان جي مقامي خاندان سنڌ جي سربراهي ڪندي آزادي ورتي ئي هئي جو مٿان اچي نادر نمودار ٿيو، ان کان اجل آجو ڪيو ته قنڌارن اچي مٿان ڪڙڪو ڪيو. هڪ دفع نه بلڪ بار بار، گهران رسن ته سڌو سنڌ ۾.

بهرحال، غيرن جي غلاميءَ ۽ ڌارين جي ٻي دربي ڏکوئيندڙ ڏاڍاين، شاھ جي ذهن کي اذيت پهچائي هن، انهيءَ هاڃي کان متاثر ٿي پنهنجي ڪلام ۾ مختلف پيراين ۽ پهلوئن سان "ڌيرن جي ڏاڍ" خلاف جهاد جوٽيو ۽ مسلسل غلاميءَ ۾ رهڻ سبب، وطن سان محبت ۽ پنهنجي گرد و پيش سان وفادار رهڻ جو احساس، جيڪو صدين کان ستل هو، ان کي جهنجهوڙي جاڳايو ۽ ڪوشش ڪيائين، جيئن سنڌ کي پنهنجي سماجي روايتن، ريتن ۽ رسمن سان پريت پيدا ٿئي ۽ غلاميءَ سبب سنڌي سماج تي جيڪي ڌاريا ۽ مصنوعي

اثر پيا هئا، انهن جا داغ ڌوئي اسان جي پوتيءَ ۽ پيراهن
کي پاڪ ۽ صاف ڪري.

سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهبي ڪشمڪش ۽ تعصب ڏاڍو گهڻو پيدا ٿي پيو هو، حضرت مخدوم محمد هاشم عليه رحمته جي سخت گير پاليسيءَ، سنڌ اندر عالمن سڳورن جو هڪ اهڙو طبقو تيار ڪري ڇڏيو هو، جنهن تبليغ اسلام لاءِ گهڻي حد تائين تشدد آميز بلڪ غير اسلامي انداز اختيار ڪيا هئا. جيڪڏهن، ڪنهن غيرمسلم جي واتان الله محمد ۽ رسول جو لفظ نڪرندو هو ته ور ڏيئي ان کي حلقئہ اسلام ۾ داخل فرمائي. يعني مروج مخصوص مجاوري مطابق ”مشرف بہ اسلام“ ڪري پنهنجا ”تبليغي“ فرائض بجا آڻيندا هئا. انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو سنڌن طور ۽ طريقي ۽ انهيءَ لفظي ڦند ۽ ڦير غير مسلمانن کي ڏاڍو هول ۽ هراس ۾ وجهي ڇڏيو. اهي پاڪ نالا وٺڻ ته درڪنار ۽ بجاءِ خود رهيا، هنن پنهنجي چوٽيءَ ۽ ڌوتيءَ جو خير ۽ تحفظ ان ۾ سمجهو ته مرگهو اهي اکر اُچارڻ ئي ڇڏي ڏين جن مان خطري جو امڪان هجي. چنانچه بين لفظن سان گڏ ”رسو“ چوڻ هنن انهيءَ ڪري ڇڏنو هو جيئن دين جا مبلغ ان ۾ ”ل“ پنهنجي طرفان وجهي ”رسول“ بڻائي ڪو ممڻ نا مچائي وجهن.

اهو سڀڪجهہ انهيءَ ڪري هو جو ادائي سؤ سالن

(ارغوان کان وٺي مغلن تائين) جي مسلسل تسلط سبب ذهني طرح سنڌ ۾ تنزل ۽ پستي اچي چڪي هئي، آزاد ماحول ۾ دلين اندر جيڪا وسعت، قلب ۾ جيڪا ويڪرائي ۽ ڪشادگي ٿيندي آهي، فڪر ۽ نظر، عام خواهه عمل ۾ جا بلندي ۽ جزرسي گهرائي ۽ گنڀيرتائي، حقيقت پسندي يا دور رسي ٿيندي آهي، سا سڀ ختم ٿي ويئي هئي. تنهنڪري رواداريءَ، برادريءَ، يا پاڙيسرائي يا هموطنيءَ جا جيڪي انساني ننگ خواهه اسلامي انگ، هڪ آزاد قوم ۾ ٿيڻ کپن، اهي سڀ هتان نڪري چڪا هئا، ۽ اهو سڄو خلا هو انهيءَ احساس ڪمتريءَ جو ڀاريل، جيڪا غلاميءَ جي ذلت ۽ پستيءَ جي پيداوار ٿيندي آهي، جنهن جي ڪري غلام قوم جا افراد پنهنجي انهيءَ احساس کي مٽائڻ خاطر، هڪ غير فطري برتريءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي مصنوعي رستن ۽ رستا پيدا ڪندا آهن. جن مان هڪ طريقو اهو پڻ آهي ته مذهبي فروعات تي خواهه مخواه زور ڏجي، مناظر بيازي ڪري هڪٻئي مٿان سبقت ۽ برتري حاصل ڪجي، دين ۾ غير ضروري نمائش ڪري مذهب کان زياده پنهنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائي ۽ قطعي غير اسلامي طريقن جي وسيلي انسانن کي هڪ مذهب جي دائري مان زوريءَ گهلي ٻئي مذهب ۾ داخل ڪري ان تي بگل باجا وڄائي، پنهنجي پندار کي آسودگي

پهچائجي. ملڪ اندر انهيءَ ڏڦيڙ وجهندڙ ۾ دلين جهڙي
مٺي ۽ پياري دنيا ۾ ايتري ويڇي وجهندڙ پاليسيءَ، شاهه
جهڙي صاف باطن صوفيءَ درد پري دل رکندڙ انسان
کي سخت متاثر ڪيو.

سو هن پنهنجي ڪلام اندر مکڻ، ماکيءَ ۽ مصريءَ
جي انهيءَ حد تائين پالوت ڪري ڇڏي جو ترشيءَ
تلخيءَ تنديءَ ۽ تيزي جو جيڪو ڏوز غير مسلمانن
پنهنجي هم وطن ڀائرن هٿان چکي چڪا هئا، اهو
يڪلخت مٺ ۽ ميٺاج ۾ بدلجي ويو ۽ ان جي شيرينيءَ
سينني کي ايتري قدر کندون ۽ کير پياري ڇڏيا.

شاهه سائينءَ جي انهيءَ دلڪش ادا تہ سڀن جي
دلين کي موهي رکيو ۽ اهو ئي سبب ٿيو جو مسلمانن
کان وڌ، شاهه جي ڪلام جا پارکو هندن منجهہ پيدا ٿيا
۽ پيدا ٿيندا رهن ٿا، سرگواسي ليلارام، چيٿمل پرسرام،
ڊاڪٽر گربخشاڻي، لالچند امرڏنومل، ڀيرومل مهرچند،
ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، فتحچند واسواڻي، پروفيسر
جهمٽ مل ۽ ٻين سون هندو مشاهيرن جون خدمتون
انهيءَ ڏس ۾ ڪير آهي جو وساري سگهندو؟

("شاهه جي رسالي جو مطالعو" ڪتاب
جي مهاڳ تان—١٩٦٢)

# شاهه جي ٻوليءَ ۾ پاشا وڳيان

جيڪڏهن ائين چئجي ته شاهه جو رسالو خود هڪ قسم جي لغت آهي ته غلط نه ٿيندو. شاهه جو رسالو ڀاشا وگيانيءَ لاءِ هڪ مزيدار مصالحو ميسر ڪري سگهي ٿو. ٻوليءَ جي نيمن موجب ڪن اکرن ڪيئن ڪنهن عرصي ۾ مختلف روپ ورتو آهي، ان ڳالهه جا ڪافي اهڃاڻ شاهه جي رسالي مان ٻه ملن ٿا. اسانجي ڪن ٻولي - ماهرن اکرن جي اهڙي روپ کي "اپڀرنش" ڪري پڙهي سڏيو آهي ۽ ان منطق ۾ منجهي سنڌي ٻوليءَ کي "اپڀرنش" مان نڪتل ڄاڻايو آهي يعني اها ٻولي جا معيار تان ڪري چڪي هجي.

شاهه جي رسالي ۾ ڪم آيل سنڌي اکرن جو وڌيڪ ذڪر ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته "اپڀرنش" اکر جو نبيرو ڪجي. گريئرسن ۽ ان جي راءِ تي هلندي ڪاڪي ڀيرومل مهرچند "اپڀرنش" اکر جو جيڪو مطلب ڪڍيو آهي، ان کي موجوده ڪوجناڪار تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. شري جيرامداس دولترام جو رايو آهي ته "اپڀرنش، ٻوليءَ جي هڪ منزل هئي."

ٻولين ڪري سڏيو هو.... چاڪاڻ ته سنا برهمڻ جي هٿ ۾ هئي ۽ برهمڻواد جي يگ ۾ برهمڻ ٻين طبقن کي گهٽ ٿي سمجهيو ۽ انهن طبقن جي ٻوليءَ کي هنن گهٽ درجي جي يعني اپڀرنش ڪري ٿي ڪوٺيو."

حقيقت ته اها آهي ته سنسڪرت ڀاشا ۾ پڻ جدا جدا ٻولين جا شبد ڀيسڄي ويل آهن. ڪيترن جا آصلوڪا اُچار ئي ڦري ويل آهن يعني ٻين ٻولين جي آصلوڪن اُچارن کي "ڀرشٽ" ڪري سنسڪرت ۾ جذب ڪيو ويو آهي. اِن ڳالهه جي شاهدي خود ياسڪ منيءَ ۽ پاڻنيءَ جهڙن مهاپرشن به ڏني آهي، جڏهن هو چون ٿا ته "ٻين ٻولين مان ڪيترائي آيل ڌاتو سنسڪرت ۾ جذب ٿي ويل آهن ۽ ڪيترا ڌاتو تہ مختلف اُچار وٺي انيڪ صورتون ٿي پيا آهن."

(ڏسو: ياسڪ جو نرڪت ۱۰۴، ۱۰۵) جيمنيءَ جــي رچيل ميمنسا درشن ۾ پڻ ان رايــي جي پٺڀرائيءَ ۾ ڪجهه سلوڪ ڏنا ويا آهن. (آڌيا پهريون، پاد ۳، سوتر ۱۰). پتنجليءَ جي "مهاڀاشيه" جي پرو چوٿين ۾ پــڻ اهڙو اشارو ڏنل آهي.

انهن حالتن ۾ جيڪڏهين شاهه جي ٻيتن ۾ ڪنهن اکر جو روُپ ٿووو بدليل هجي ته ائين نه سمجهجي ته ڪو اهڙو اکر "ڀرشٽ" ڪيو ويو آهي يا شاهه جي وقت ۾ ٻولي پنهنجي معيار تــان ڪري چڪي هئي.

جي نيمن تي هلي پاڻکي ٻين ٻولين جي صف ۾ بهاريو آهي. هيٺ اُنجا ڪي ٿورا مثال شاهه جي "سر سسئي"، "سهڻي" ۽ "سر سسئي آبري" مان ڏنل آهن.

(۱) يه ڦري ڄ ٿيل آهي:

"هيڙي آپ سرتيون، نڪي ڳايم ڳاڄ" (سنسڪرت ۾ گايم معنيٰ گيت).

آيل! آئون اڪاڄ، ٻول ٻروچي ورتو. (سن: اڪاريه معنيٰ نالائق).

(۲) ڪ جو لوپ ٿيل:

ڀڄرين وڃاءِ لوءِ ٻوءِ مر ڀڃنم ڏينهڙا (لوڪ - لوءِ)

(۳) ٽ جو ڏ ٿيل:

اندي وڃون، ڪندي وڃون، تنگتا لهي نه ليڪ. (سن: انت معنيٰ ڇيڙو).

(۴) ل جو ر ٿيل:

۱- صباح سيڻئي، پسبيون پاڏار ۾ (سن: پاتال)

۲- عشق جنين کي آڪرو، ترهو متي تن (سن: اُڪل معنيٰ ڳرو) .

۳- ڪرڱل ڪوچ گهڻا. جن جر واڳو جئائين (سن ڪلڪل).

(۵) ر جو ل ٿيل:

دوهڙ ڏنس درياه ۾ جت نهريون ڪن اوڙا (سن: روڙ).

(٦) د جو ر ٿيل :

**ورچي** ويرن وچ۾، ڪاڏي ويو ڪچو

(سن: ودر، پراڪرت وڄرڻ، سنڌي ورجڻ پراڪرت وجرڻ جي تقليب آهي).

(٧) ت ڙري ڙ ٿيل:

گهڙي **گهڙو** هٿ ڪري، ٻهرن نهاري ٻنگ.

(سن: گهٽ).

(٨) ت جو ھ ٿيل:

١- ڀچي روز **ڀِهي**، اديون آريچن جا (سن: ڀِتيڪ معنيٰ واٿهڙو).

٢- مهارا **ڏهي**، پيتائين پريم جي (سن: مٿت، پراڪرت مهم معنيٰ ڏڌ).

(٩) ڪ جو ھ ٿيل:

هوئن داران هيئن، **ڏهلا** مـون ڏينهن ٿـيا (سن: دهڪت، پراڪرت دهئہ معنيٰ ڏڪيائي).

(١٠) چ جو ڇ ٿيل:

وچن سين ويئي سور **وياڇي** سوهٽي [سن: واچن، پراڪرت واچڻ معنيٰ اورڻ. هـن ۾ "ا" جي تقليب ٿيل آهي].

(١١) ڌ جو ھ ٿيل:

١- ارڪ سرڪ، سيد چي، لگيس ڏات **ڌهي**.

[سن: دگڌ، پراڪرت دڌي معنيٰ ڏڌ. هن ۾ "گ" حذف ٿيل آهي].

٢- سهم سيارو، پاڻي پارو، جت جهڙ جهڪ ۽ جهول
[سن: ستم، پراڪرت سهم معنيٰ مڪمل].

(١٢) ڄ جو ڇ ٿيل:

ڇڪي چولي ۾ گهڙي، جتي جـتي وڙاه [ سن: ڄڪت معنيٰ حيران. هتي ت حذف ٿيل آهي].

٢- لالڇي لڪ، لطيف چي، پنـي ڪيڇين ڪاج
[سن: لالچ معنيٰ سوچڻ].

(١٣) ڻ جو ڙ ٿيل:

١- ڇڪي چولي ۾ گهڙي، جتي جي وڙاه (سن: وناش، پراڪرت وڻاه. هتي به "ا" جي تقليب ٿيل آهي].

٢- ان اوسيڙي اڻپـان، سنجهي ڪـري سينگار
[هيمچند جي ديسي نام مالا موجب اوسڻ معنيٰ خيال فڪر].

(١٤) ڙ جو ڻ ٿيل:

آيل! اماڻ! تي جيان، لا، جي سارينم سپرين
[پراڪرت اما-امڙ].

(١٥) ڄ ۽ لس جو ڇ ٿيل:

جي ڪڇو چوام ڪوء تہ مرڪ پايان ميهڻون
[سن: ڪستا معنيٰ طعنو].

(١٦) آڏون پڻ وجهان هٿڙا، اٿين پـڻ وجهو ڙڄ
[سن: رشم معنيٰ نوڙي].

(١٧) جڄ جو ڻ ٿيل:

١- اونهي لڙ آ گهٽما آڏي پاڻي آڻ

[سن: ججا، پراڪرت آئا معني آگيا].
٢- سپڪ جو، سيد چئي، پڇي نہ پرياڻ (سن: پرججان معني نشان].
(١٨) ت جو د ٿيل:
جان جان هئي جئري، ويئي نہ ويساند
[سن: وشرانت معني آرام].
(١٩) شٽ جو ٺ ٿيل:
پريان ڏي پريات، وانءَ ڏيٺاري ڏيهہ کي [سن: دوشٽ، پراڪرت ٻٺ].
(٢٠) ڌ جو ب ٿيل:
پيڻ پرچا ناه ڪو، ڪنهن جهہ ڏاه ڏبين
[سن: دهن معني سڙڻ].
(٢١) ڪش جو ک، ٿيل:
١- ڪري ڀيک پنهونءَ سين، پاڏاريائين پاڻ [سن: پريڪشا معني ديدار].
٢- ڏس، ڏنگر جام، سکو، پاڻ شريڪ سين [سن: ساڪشر معني لائق].
٣- صورت هي ساهڙ جي، ڏنل پهچي ڏکہ [سن: ديڪشا، پراڪرت دکا: "ا" حذف ٿيل].
تقليب جا ڪجهہ وڌيڪ مثال هي آهن:
١- ڪاڏي وڃان؟ وو؟! جن وهڻ وچارڻ منٿو
[سن: وهاڻ-واهڻ معني جڳهہ . هتي "ا" حذف ٿيل آهي .

٢- من ۾ موج مهار جي، **ڀهس** ڀرِيان جو ڀور
[پراڪرت ڀسهه: هن جو سنسڪرت روپ آهي ڀرسهه
ڀر خود پراڪرت ۾ ئي "ر" جو لوپ ٿيل آهي].
٣- رڪ ڀيلي جو ڀرم، جو اڇي ڀيو **آڇهور** ۾
[پراڪرت: اوڇهر معنيٰ اڇهاڳ ڀاڻي].
٤- صورت جا **ساهڙ** جي، ڏيل ڀڃي ڏڪ
[سن: سنهارد، اپڀرنش سهاڙ].

ڪيترن ديسي ۽ سنسڪرت جي اکرن کي شاهه
بلڪل ساڳئي يا تمام ٿوري ڦهليل نموني ۾ ڪم آندو
آهي. مثال طور:

١- اڇي **ريل** رهن، مون ساڏيارا سپرين.
[پراڪرت: ريل معنيٰ پاڻيءَ جي اُٿل].
٢- جي ڇٽو، جي **ڇوهه** ته پوريندس پارٺين.
[ديسي: ڇوه معنيٰ تڪ].
٣- ات آڏو اڇي ڪين ڪي **ڀيليپو** ٻي جو.
[ديسي: ڀيليپو معنيٰ صاحب، ڌڻي].
٤- نڪو **سنڏو** سير جو، **مپ** نه ملاحن.
[سن: سنڌا ۽ ماپن].

انهن ڀيو ڏسجي ته شاهه صاحب کي خود به ٻوليءَ
جي نيمن جي پوري ڄاڻ هئي. اهو هن هڪڙي سٽ
مان ئي صاف ڀيو ٻڪي!

"ڪسرت آهي قرب ۾، ادغام ۾ اعراب."

# شاه عبداللطيف ڀٽائي

سنڌ جو سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي اڄ کان اٽڪل ٽي سو سال اڳ سن ١٦٨٩ع ۾ هالا حويليءَ ۾ پيدا ٿيو. شاهه صاحب جي والد جو نالو سيد حبيب الله شاهه هو. شاهه صاحب جي ڄمڻ کان پوءِ سيد حبيب الله شاهه هالاحويليءَ مان لڏي اچي ڪوٽڙي ۾ ويٺا. سندس والد کيس وائي ڳوٺ جي مشهور عالم آخوند نورمحمد وٽ علم پرائڻ واسطي موڪليو. وائي ڳوٺ ڀٽ شاهه کان ڇهه ميل پري آهي، پر چون ٿا ته شاهه صاحب "الف" چئي دنگ ڪيو اڳتي "ب" اچارڻ کان نابري واري بيٺو—

ويهن ورهن جي ڄمار ۾ يعني ڀر جوانيءَ ۾ مجازي عشق ۾ ڦاسي پيو. مرزا افضل بيگ ارغون جي نياڻي تي فدا ٿي پيو. عشق ۾ بي قرار ٿي هو صحرائن ۽ بيابانن ۾ گهمندو رهيو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته شاهه صاحب ساندهه ٽي ڏينهن غش جي حالت ۾ پيو هو ته سندس مٿان واريءَ جا تهه چڙهي ويا. ۽ سندس سڄو جسم واريءَ سان ڍڪجي ويو. رڳو سندس ڪپڙي جو هڪڙو پلاند ظاهر پئي ٿيو— ۽ کيس ڪنهن پنوهار ڏسي، سندس والد کي ٻڌايو. ۽ سندس والد ان هنڌ پهچي سوز مان چيو:

"لڳي لڳي واءُ ويا انگڙا لڱجي"

شاهه صاحب ڇرڪ ڀري جاڳي پيو ۽ چيو:

"پڻي ڪٽي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرين جي"

ان بعد شاهه جوڳين جي ٽولي سان هنگلاج هليو ويو — هنگلاج کان موٽندي مغليين، لکپت، هالار، دوارڪا، پوربندر، جهونا ڳڙهه، گرنار، ڪنيات گهميو.

نيٺ شاهه صاحب گهر ڏانهن موٽيو ۽ مرزا افضل بيگ جي نياڻيءَ بيبي سيده بيگم (جنهن سان شاهه جو عشق هو) سان شادي ٿي.

شادي کان پوءِ شاهه جي زندگي هموار گذرڻ لڳي.

شاهه صاحب صفر جي ۱۴ تاريخ سن ۱۱۶۵هه مطابق ۱۷۵۲ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

شاهه دنيوي جيوت جا ڏيهاڙا نماڻي نموني پٽ تي گهاريا پر اڄ سندس خوشبو، ولايتن ڪي واسيو آهي.

# سچل سرمست

سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو پر پاڻ سچو، سچل سچيڏنو جـي نالي سـان مشهور هئا. سن ١١٥٢هه مطابق ١٧٣٩ع ۾ پيدا ٿيا. سندس والـد جو نالو ميان صلاح‌الدين هو. سچل اڃا ننڍو ئـي هو تـه سندس والد گذاري ويو. ان وقت سچل جي عمر ڇهه سال هئي.

سندس تعليم ڏاڏي ميان صاحب ڏني ۽ چاچي خواجه عبدالحق جي زير نگرانيءَ ۾ ٿي. خواجه عبدالحق جي نياڻي سان سندس شادي ٿي،

سچل جو ڪلام انسانيت لاءِ پيغام رهبري آهي.

سنڌ جي هن سدا حيات، سرمست، هفت زبان شاعر ١٤ـ رمضان سنه ١٢٤٢هه (١٨٢٩ع) تي وفات ڪئي. انهيءَ تاريخ تي سندس مزار جيڪا درازن ۾ آهي تي ميلو لڳندو آهي.

# سامي

سنڌ جي هن صوفي شاعر جو اصل نالو ڀائي چئنراءِ هو. سندس جنم شڪارپور شهر ۾ ١١٤٣ع ۾ هڪ نامياري انسان سيٺ ڀائي ٻچيمل لنڊ جي گهر ۾ ٿيو.

ساميءَ صاحب جي تعليم پرائڻ جي باري ۾، شاهه صاحب جي زندگي وانگر، عالمن جا ڌار ڌار رايا آهن. ڪن جو خيال آهي ته هو اُمي هو پر سامي صاحب جي وڏي پٽ ڀائي مينگهراج جي ”ڳالهه کي وڌيڪ وزن آهي جنهن جو چوڻ آهي ته ”هو (سامي صاحب) پنهنجا سلوڪ گرمکي لپيءَ ۾ ڪاغذ جي چٽڪين تي لکي، هڪ مٽ ۾ داخل ڪري ڇڏيندو هو.“ شاهه صاحب جي شعرن جيان سندس شعرن جي گهري مطالعي منجهان پڻ اها ڄاڻ ملي ٿي ته هن کي سنسڪرت سان گڏ، پارسي ۽ عربيءَ جو گهڻو اڀياس هو.

چون ٿا ته جڏهن ساميءَ جي جوانيءَ هئي تڏهن ٻهاولپور رياست جي شهر احمدپور جو هڪ درويش سوامي مينگهراج اتفاق سان اچي شڪارپور ۾ نڪتو ۽ هاٿي در وٽ مهراج هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ رهڻ لڳو. ساميءَ صاحب کي ٻه جا ڪچي ڏي لنو ۾ لار لڳل هئي تنهن ڪيس آخر هڪ ڏينهن سوامي مينگهراج جي حضور ۾ آڻي ٻهاريو ان وقت سامي جي عمر ٢٣ سال هئي. ٻنهي ملاقات ۾ ئي هن پنهنجي گروءَ وٽ رهي چاليهو ڪاڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. چاليهي ڪڍڻ کان پوءِ

سوامي مينگھراج جو سامي صاحب سان ايترو تہ پيار ٿي پيو، جو هو هميشہ کيس پاڻ سان گڏ، پنهنجي کٽ تي وهاريندو هو.

سامي پنهنجي گروءَ جي خدمت ۾ ٨ سال رهڻ کان پوءِ امرتسر ڏانهن هليو ويو (عالمن جو رايو آهي تہ ان وقت سندس گرو ديهانت ڪري چڪو هو تنهن ڪري هو امرتسر هليو ويو هو) جتان واپس ورڻ تي هن درويش پنهنجا آخري ڏينهن شڪارپور ۾ انهيءَ آستان تي گذاريا جنهن کي هينئر "سواميءَ جو کوهہ" سڏيو وڃي ٿو.

سواميءَ صاحب وفات جي سلسلي ۾ پڻ عالمن جا ڌار ڌار رايا آهن ڪن جي چوڻ موجب سندس ڄمار ٩٢ ورهيہ ٿي، تہ ڪي وري ١٠٧ ورهيہ ڄاڻائن ٿا پر گھڻا عالم ان ڳالھہ تي متفق آهن تہ هن صاحب ١٨٥٠ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. يعني انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان صرف ست سال پوءِ، سامي صاحب جي همعصر شاعرن ۾ سچل (١٧٣٩-١٨٢٩ع)، دلپت (١٧٤٩-١٨٣٢ع)، بيدل (١٨١٤-١٨٧٢ع) ۽ گل (١٨١٠-١٨٥٧ع) شمار ڪيا وڃن ٿا.

سواميءَ جي شعر ۾ جا بجا سريلي ٻوليءَ جا محاورا ۽ تشبيهون ملن ٿيون، سندس ٻوليءَ ۾ فلسفيانہ انداز سان گڏوگڏ سادگيءَ پڻ سمايل آهي ۽ هر جاءِ تي خدا جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت جي پرچار ڪندي نظر اچي ٿو.

رابيل پبليڪيشن جو ايندڙ ڪتاب نمبر ١٩

امرتا پريتم جو خوبصورت ناول

# شرابي نگاهون

گهرائڻ لاءِ
ساگر اڪيڊمي
٥١-العمران
پرنس علي روڊ حيدرآباد سنڌ